

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو
منصور عثمان

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد سنڌ

# شهيد پيءُ جو شهيد ڌيءُ ڏي خط

ذوالفقار علي ڀٽو

---

منصور عثمان

سنڌي ساهت گهر
حيدرآباد، سنڌ
2008ع

# ڀ اکر

سنڌي ساهت گهر طرفان شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جو، پنهنجي
اڏول ۽ ارڏي نياڻي محترمہ بينظير ڀٽو ڏانهن جيل جي ڪال ڪوٺڙي،
ڦاسي گهاٽ مان لکيل خط جو، ترجمو اوهان جي هٿن ۾ آهي.

شهيد ذوالفقار علي ڀٽي، پنهنجي خط ۾، پنهنجي نياڻيءَ مان
جيڪي اُميدون رکيون هيون ۽ جيڪي ڪيس هدايتون ۽ رهنمائيءَ جا
رستا ٻڌايا هئا، محترمہ بينظير ڀٽو انهن راهن تي هلي شهادت ماڻي
چڪي آهي.

هيءُ خط هڪ وڏي تاريخ آهي ۽ ڀٽو ازم جي پيروڪارن لاءِ
مشعل راهہ طور ڪم ايندو رهندو.

حيدرآباد سنڌ

6- مارچ 2008

نازسنائي

# سڀني مظلوم سنڌي قوم جي نالي

**منهنجي پياري ڌيءُ پنڪي!**

هڪ تُهمتي قيديءَ پنهنجي پيءُ جي زندگيءُ بچائڻ لاءِ وڙهندڙ سُندر ۽ هوشيار ڌيءُ ڏانهن، جيڪا پاڻُ بہ قيدُ ۾ هوندي هئي تہ هُن جي ماءُ پڻ سندس جيان ساڳيءُ پيڙا ڀوڳي پئي. سالگرهہ جي واڌاين واري اهڙي جذبي سان خط ڪيئن ٿو لکي، جيڪو لکپڙهہ کان اُتم آهي، تہ پيار ۽ ڪهل جو نياپو هڪ قيد جي سِيخن مان نڪري ٻئي قيد تائين، ۽ هڪ سنگهر کان ٻيءُ سنگهر تائين ڪيئن ٿو پُهچي.

نهرو پنهنجي ڌيءُ سان گهڻو پيار ڪندو هو تنهن پاڻ پنهنجيءُ ڌيءُ ڏانهن سالگرهہ جون واڌايون جيل مان موڪليون هيون. مون اُها ڳالهہ توسان اڳ ۾ ٻهرين يا ٻئي خطن ۾ بہ ڪئي هئي، جيڪي مون توڏانهن ٿي خط جڪارتا مان 1964ع ۾ لکيا هئا. جڏهن تون 'ڪانوينٽ ميريءُ' ۾ پڙهندي هُئينءُ ۽ صنم تہ اڃا ننڍڙي هئي. اُن ڏگهي خط ۾ مون لکيو هو تہ نهرو ڪيئن پنهنجي ڌيءُ ڏانهن جيل مان دنيا جي تاريخ تي خط لکيا هئا. پوءِ اُهي خطَ سهيڙي هڪ ڪتابَ جي روپ ۾ ڇپايا ويا هئا. جنهن ڪتابَ کي 'دنيا ۾ جهاتيون' جو نالو ڏنو ويو هو.

مونکي پڪ آهي تہ هُن جو ٻهريون خط سالگرهہ جي واڌاين جو هو

جنهن ۾ نهروءَ پنهنجي ڌيءُ کي 'اِندُو' ڪوٺيو هو ڇوته جڏهن هوءَ تيرهن ورهين جي هئي. تڏهن هُو ڪيس پيار مان ايئن سڏيندو هو. آئون تڏهن ٿيويهن ورهين جو هوس. مون اُهو ڪتاب چار ڀيرا پڙهيو هو. نهرو تڏهوڪي وقت جو انگريزي ٻوليءَ جي ليکڪن مان پلوڙ ۽ ناهوڪو ليکڪ هو. هُن جي لفظن ۾ موسيقي ۽ مِناس به هوندي هئي.

مون چوڏهن ورهيه اڳ جڪارتا مان توکي ڇتاءُ ڏنو هو ته آئون نهروءَ سان برميچڻ نٿو چاهيان. ۽ نه ئي آئون هُن جي مثال جي پوئواري ٿو ڪريان. ۽ هينئر. جڏهن هُن پنهنجي ڌيءُ ڏانهن خط لکيا هئا. آئون به بلڪل هاڻي هن جيان جيل ۾ آهيان. اُهو هڪجهڙائپ جو مثال آهي. ۽ پيو ته آئون به پنهنجي ڌيءُ ڏانهن سالگرهه جي واڌاين جو خط پيو لکان. پر اُهو سڀُ هڪجهڙو پانئيندي به ساڳيو عمل نه آهي. ڇوته نهروءَ کي ڌارين حڪمرانن طرفان مانُ مريادا ۽ عزت آبروءَ سان جيل ۾ رکيو ويو هو. هُو آزاديءَ جو سچو سپاهي هو: هندستاني جنتا جو مهانَ اڳواڻ, ڪيمبرج جو پڙهيل. اهڙي وڏگهراڻي جو پاتي. جنهن جي هاڪ هئي. پر هُن کي فوجي جنتا طرفان مون جيان قاتل سڏيو نه ويو هو ۽. نه ئي مٿس مُلڪ سان دوکي جي تُهمت مڙهي وئي هئي.

آئون ته لاڙڪاڻي جي ڳوٺڙي جو هڪڙو ويچارو رُڳو حُڪمران ٽولي هٿان هن موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ ماندو ٿو ٿيان. اهو ئي هُن ۽ مون ۾ وڏو فرق آهي. نهروءَ جي ڌيءُ جڏهن تيرهن ورهين جي ننڍڙي نينگري هئي. تڏهن هُن سياست ۾ پير پاتو هو. هُن هڪ تنظيم جوڙي هئي. جنهن کي هُن 'پولڙا بريگيڊ' سڏيو هو. تڏهن هوءَ سياست جي اوڙاهه مان سُٺي ۽ چڱيءَ ريت ڪانه ٽُپي هئي. پر تون ته هينئر اوڙاهه جي وچ ۾ قاتل آهين. ۽ اُهو اوڙاهه ڪنور فوجي جنتا جي باهه آهي. جيڪا ٻُجهڙي ۽ ڪِني آهي. تنهنڪري اُنهن باهين ۾ دُنيا جهان جي وِٿيءَ آهي. تنهنڪري اُنهن ٻنهي باهين کي پيتائي نٿو سگهجي. جيڪڏهن سچائيءَ ۾ ڪا ساڳيائپ آهي. ته اها هيءَ ته تون اندرا گانڌيءَ جيان تاريخ پيئي ناهين. تنهنڪري اها هام هڻي سگهجي ٿي. ته آئون اندرا گانڌيءَ کي سندس والد جيان ايئن

چڱيءَ ريت سُڃاڻان، جيئن تنهنجو ڏاڏو سندس ڏاڏي کي سُڃاڻندو هو. آئون هُن جي لڇڻ ۽ گُڻن کي گهڻو ميان ٿو پر آئون سندس پرستارن مان نہ آهيان. اِهو آئون اڳ ۾ بہ چئي چُڪو آهيان. اهو سچ آهي تہ هوءَ هندستان جي پرڌان منتري ٿي. ۽ اُن اوچي پد تي، يارهن ورهين تائين رهي. تنهنڪري اُهو بہ ممڪن آهي تہ هوءَ ٻيهر هندستان جي وزيراعظم بڻجي. جڏهن اوير پاڪستان ڌار ٿيو تہ هُن کي 'ديوي' سڏيو ويو هو.

اُنهن سڀني ڳالهين جي جاچ رکندي بہ، آئون ايئن چوڻ ۾ ڪابہ هُٻڪ نٿو پائنيان، تہ منهنجي ڏيءَ جواهر لال نهروءَ جي ڌيءَ کان ٿورڙو سرس آهي. 'هندستان جي ديوي' اهو آئون جذباتي ٿي، پنهنجيءَ دل سان نٿو چوان، پر اِهو منهنجو ايماندارَ رايو آهي.

توهان ٻنهي ڄڻين ۾ جيڪا شيءِ ساڳي آهي، سا اها تہ اوهان ٻئي هڪ جيترين بهادر آهيو ۽ ٻئي نِج رُڪ جون نهيل آهيو. پر تنهنجا گُڻ ۽ لڇڻ توکي ڪيڏانهن وٺي ويندا. تنهن بابت آئون پائنيان ٿو تہ. رواجي طرح اُهي توکي گهڻو مٿانهون کڻي ويندا. ۽ ٿُون اوچي پد تي پهچنديءَ. پر اسان جنهن سماج ۾ رهون ٿا. اُتي قابليت تہ عيب. ۽ گهُٽيل وچترائپ وري سرمايو آهي. اها تنهنجي ڀيڻ، قائداعظم، شايد سهرورديءَ کانسواءِ نرالي ڳالهہ آهي تہ. هن مُلڪ کي ناتڪين يا ڪامورن هلايو آهي. اهڙيون حالتون شايد تڏهن بدلبيون. جڏهن ويڙهاڪ نوجوان نسل پنهنجي جاکوڙ تيز ڪندو. جيڪڏهن هاڻي تبديليون نٿيون اچن. تہ پوءِ تبديليءَ آڻڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچندو. يا حُڪمراني طاقت ڏانهن منتقل ٿي وڃي. يا وري سڀُ ڪجهہ ناس ٿي وڃي.

تنهنجي ڏاڏي مونکي ماڻُ مريادا واريءَ سياست سيکاري هئي. ۽ تنهنجي ڏاڏيءَ مون ۾ غُربت جي سياست ڏانهن لاڙو رکڻ جو چاهہ اُڀاريو. تنهنڪري آئون ٻنهي ڄڻن جو ٿورائتو آهيان. جن مونکي اُن جو پلوڙ ڀنڌڻ سيکاريو. منهنجي پياري ڌيءَ! آئون توکي رُڳو هڪڙو نياپو ڏيڻ چاهيان ٿو جيڪو مُستقبل ۽ تاريخ جو نياپو آهي. رُڳو ماڻهن تي ڀروسو ڪر. ۽ سندن آزاديءَ ۽ برابريءَ لاءِ جاکوڙ. جنت تنهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان تہ

آهي، پر سياست جي بهشت ماڻهن جي پيرُن هيٺان آهي. مون پنهنجي عوامي زندگيءَ ۾ ننڍي ڪنڊ ۾ گهڻ ڪارناما ڪيا آهن. پر جيستائين مونکي ياد اچي ٿو ته سڀ کان وڏو انعام۔ ساراهينڌڙ ڪم اُهو آهي، جيڪو ڏکايل غريبن جي ٿڪل ماندن مُکن تي مُرڪ آڻي، ۽ ڏکايل ڳوناڻن جي اکين ۾ چمڪ آڻي.

هن موت جي ڪوليءَ جي چوڏيواريءَ ۾ دنيا جي مهان اڳواڻن مونکي جيڪا محبتا ۽ مانُ ڏنو آهي، تنهن کان وڌيڪ آئون ڳوٺ جي اُن ويچاري رَنڙ عورت جا لفظ ياد ڪندي ڳاڻ اوچو پائيان ٿو جنهن منهنجي سرڪار طرفان سندس پُٽ کي پرڏيهه ڏانهن اسڪالرشپ تي وڌيڪ تعليم لاءِ موڪلڻ ڪانپوءِ چيو هو: "صدقو وڃانءِ، سُهڻل سائين." وڏن ماڻهن لاءِ اُهي ننڍڙيون ڳالهيون آهن. پر مون جهڙي ننڍڙي ماڻهوءَ لاءِ سچ ته اها وڏيءَ ڳالهه آهي. توهان ڌرتيءَ ماءُ کي چُمڻ لاءِ تيار نه ٿيڻ تائين وڏا ٿي نٿا سگهو. توهان ڌرتيءَ جي مهڪ نه سُڃاڻڻ تائين ڌرتيءَ جو بچاءُ نٿا ڪري سگهو. آئون پنهنجي ڌرتيءَ جي مهڪ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن درياهي وهڪرن جي موسيقيءَ کي سُڃاڻان ٿو. آئون پنهنجن نغارن جو دَڦُ سُڃاڻان ٿو. تاريخ جي دروازي ٻاهران بيٺل اُهي اصول، متا ۽ لکئيون نيڪ آهن. پر سڀُ کان وڌيڪ اوچو ياڳو اهو آهي ته، ماڻهن جي اُمنگن ۽ ڪين سُڃاڻڻ جي مڪمل اهليت هُجي. هڪ پيرو جيڪر سُرن جو مطلب سمجهه ۾ اچي وڃي، ته پوءِ شيون نيٺ صحيح جاءِ تي اچي وڃن ٿيون. اصول پاڻُ اڳتي هلي وقت تي پهچي وڃن ٿا. ۽ پوءِ نيٺ تنهن وقت موسيقيءَ جنم وٺي ٿي. اُن ڳالهه جو اُهو مطلب هرگز نه آهي، ته آئون عمليت پسنديءَ جو پرچار ٿو ڪريان. ڇوته اُن جي گهڻي گهُرج به آهي. آئون مسئلي جي جَڙ تائين پُهچڻ جي ڪوشش پيو ڪريان. ته اصل چتاپيتيءَ ڪتان جنم ورتو ۽ هلچل توڙي جاڪوڙ جو مقصد ڪهڙو آهي.

آئون اهڙي ڪوليءَ مان توکي ڪهڙي سوکڙيءَ ڏيئي سگهان ٿو جنهن مان منهنجا هٿُ به ٻاهر نڪري نٿا سگهن. پر آئون تنهنجن هٿن ۾ عوام

جا هٿ سونپيان ٿو. آئون تنهنجي لاءِ ڪهڙي شادماني ملهائي سگهان ٿو. پر آئون توکي يادگار مشهور ساروٽيون ۽ هاڪارا نالا ڏيئي سگهان ٿو. تون وارث آهين سڀ ڪان آڳاٽي سڀيتا جي. اُن شانائتي سڀيتا کي وڌيڪ ترقيءَ ڏيارڻ ۽ طاقتور بنائڻ ۾ پنهنجيءَ وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪر. ترقي ڏيارڻ يا طاقتور بنائڻ مان منهنجو مطلب اهو نہ آهي تہ اُها سڀني کان هيبتناڪ هُجي، چوتہ هيبتناڪ سماج، تهذيبي سماج تي نٿو سگهي. سڀني کان وڌيڪ سُڌريل، طاقتور ۽ تهذيبي سماج، حقيقت ۾ اهو سماج آهي، جيڪو فطرتي اصولَ سُڃاڻي، ۽ ماضيءَ توڙي حالَ، مذهب، سائنس، جدت، ابدي سچاين، ماديت ۽ روحانيت سان ڳنڍيل ۽ جُڙيل هُجي. اهڙو سماج جيڪو ڇڪتاڻ کان آجو هُجي، ۽ تهذيب ۾ شاهوڪار هجي، سو ٽوٽڻ ڦيٽڻ وارن فارمولن ۽ ٺڳيءَ سان وجود ۾ نٿو اچي سگهي. اُن کي قدرتي ڳولا ـ وهڪري جي گهرائيءَ مان وهٽو پوي ٿو: نيٺ غيرطبقاتي سماج ضرور اُپرندو. پر ضروري نہ آهي تہ اُهو مارڪسي سماج هُجي. مارڪسي سماج جو طبقاتي گهاڙيٽو جُڙيل آهي.

يورپ جا مارڪسسٽ، سامياواد کان پري ٿي، هينئر موجود طبقاتي بناوت سان گڏ اچي بيٺا آهن. نہ تہ ڪميونسٽ پارٽي اٽليءَ جو جنرل سيڪريٽري اينريڪو بيرلنگوئر تاريخي ناهہ نہ ڪري ها. جنهن حقيقت ۾ اٽليءَ جي قانوني پروفيسر، مُدبر ۽ پنج ڀيرا وزيراعظم رهندڙ آلڊو مارو جو ڪاٻيءَ ڏُر جي دهشتگردن هٿان آنت آندو.

آئون 1965ع ۾ جڏهن پرڏيهي ڪاتي جو وزير هوس، تہ مونکي اسلام آباد ۾ هڪ جرمن سفارتڪار ٻڌايو تہ "آفريڪا برف جي هڪ ڇٽي هئي، جنهن مٿان تيل جو ٿُلهو تهہ چڙهيل هو. ۽ اُهو گهٽي وقت تائين ايئن رهندو." اُها ڳالهہ مونکي ڏاڍي موهيندڙ لڳي. مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪانئس پُڇڻ ڏکيو هو جيڪو اهڙي ايلچيءَ جو قدر ڪندو هُجي، جيڪو مالڪ نسل سان لاڳاپو رکندو هجي ۽ هڪ نامياري سائنسدان جو پاءُ بہ هُجي. جيڪو آمريڪا ڏانهن ميزائيل ناهڻ لاءِ لڏي ويو هو. مون هُن کي ٻڌايو تہ

آئون سندس قدر ڪيان ٿو پر آئون پانئيان ٿو تہ آفريڪا ڪارو ۽ پڙپانگ آهي، جيڪو دُنيا طرفان لنوايل ۽ ڪِل جهڙو آهي. پر اُهو ايندڙ ٻن ڏهاڪن ۾ دنيا جي مرڪز ۾ شامل ٿي ويندو جيڪو هاڻي ٿي چُڪو آهي. پر آفريڪا ۾ جنهن جدوجهد جنگ جوٽي آهي، سا بنيادي طرح سامياواد ۽ آزاديءَ وچ ۾ جنگ نہ آهي. اها جنگ وڏي 'ناقابل يقين' ڪنڊ جي معاشي وسيلن ۽ ڪچي مالَ وچ ۾ آهي. فرق اهو آهي تہ هڪڙي پاسي اُن ڪَنڊُ آفريڪي ماڻهن جي چاهنائن کي سُجاتو آهي، تہ ٻئي پاسي بنيادي حقن لاءِ وڙهندڙ ۽ آمريڪي شيدي سياستدان اينڊريو ينگ جي چڱ مُڙسي آهي، پر اجائي ڪوشش ائين ڪرڻ کان ناڪام ڪيو آهي.

آئون اصل ۾ اينڊريو ينگ کي ڳنڀيرتا سان نٿو وٺان. مونکي هاڻي اهو ضرور محڙ کپي تہ اينڊريو ينگ آفريڪا جي اصل مسئلي کي ٻئي ويچار کان سمجهيو آهي. پر هُو اڳ ۾ ئي هيڪلو ٿي پيو آهي. پانئجي ٿو تہ هُو پاڻ ناڪام ٿيندو يا وري ڪنهن اداري سبب فرانس جي بوربنس جيان بي اثر ٿيندو جنهن سِکڻ کان انڪار ڪيو هو.

ايشيا لاءِ سليگ هيريسن هڪ ٻيو تيزفهم ايشيا ۽ آمريڪي قومپرستيءَ تي لکيل ڪتاب 'ورڇجندڙ ڪاڙي' لکيو آهي. جيڪو اُهو ڪتاب پڙهڻ چاهي ٿو تنهن کي اُن قدرتي ڏيک کي ڪُشادي سوچ سان پڙهڻ کپي. پاڪستان بابت صفحي 273 تي ڪتاب ۾ لکيل آهي:

" چين سان ويجها ناتا جوڙيندڙ ۽ پرڏيهي ڪاتي جو وزير ذوالفقار علي ڀُٽو پاڪستان کي 1962ع ۾ نومبر ڌاري چين جي فرضي دشمنيءَ وارن ناتن مان ڪڍڻ لڳو. جڏهن هن قومي اسيمبليءَ کي ٻڌايو تہ پاڪستان جي پيڪنگ سان دوستي آزاد جُزو آهي ۽ جيڪڏهن ڪشميري تڪرار کي پائيپءَ سان نبيريو وڃي ٿو تہ اسان چين خلاف هندستان سان سهڪار نہ ڪنداسين. اولهندي ملڪن جو هندستان جي ننڍي کنڊ بابت گڏيل بچاءُ جو ويچار کي سمجهڻ جو مطلب آهي: چين سان دشمنيءَ وارا ناتا. شايد پاڪستان ۽ هندستان لاءِ سُلجهاءُ ان عمل ۾ آهي تہ ٻئي

هڪٻئي سان پائيچاري آڌار امڙا لاڳاپا جوڙين. جيڪي چين سان سندن دوستيءَ کي جوکي ۾ نه وجهن. جيڪڏهن اسان هئي سِڌي واٽ وٺون ٿا ته، پوءِ گڏيل بچاءَ وارو سوال ئي نٿو اُڀري.

"ذوالفقار علي ڀُٽي 10 ڊسمبر 1962ع کان هڪدم پوءِ هڪ انٽرويوءَ ۾ هڪڙو عام ويچار ڏنو ته آمريڪا جي چين بابت مفادن جي سُڃاڻپ کي ضروري روپ ڏيڻ گهُرجي. اها حڪمت عملي هئي، جيڪا هن گهڻي محنت سان ناهي هئي، ۽ پوين ورهين ۾ مونکي ڪيترائي ڀيرا ٻُڌائي هئي. ڀُٽي 20 ڊسمبر 1962ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ هڪ انٽرويوءَ دوران ٻيهر اها آس ڏيکاري هئي، ته آمريڪا ۽ چين وچ ۾ ڇڪتاڻ جي پڄاڻي ٿئي. اها ڳالهه اڳتي هلي هن پنهنجي 'آزاديءَ جي ڏندڪٿا' ڪتاب ۾ صفحي 21 تي لکي. ڪجهه عرصي ۾ هن محسوس ڪيو ته پاڪستان جا اُن ڏس ۾ ناتا، چين ۽ آمريڪا وچ ۾ هڪ ٻئي سان ويجها ختم نه ٿيڻ تائين، پاڪ- آمريڪي ناتن کي ڇيهو رسائيندا. ستر جي اوائل ۾ چين هر طرح پاڪستان جي دوستيءَ کي قيمتي سمجهندو هو. ايشيا جو پاڻ تي ڀاڙڻ ۽ باعزت پاليسين سبب، سندس مدد لاءِ پاسو ڪٽندو هو جنهن عمل کي پاڪستان ۾ گهڻو ساراهيو ويجي ٿو. اهو عقلمند عمل نه رڳو پاڻ مجبور ڪندڙ هو پر هن جو ويچار هو ته جيڪڏهن هندستان- چين دشمني وڌنديءَ ته پوءِ پاڪ- چين لاڳاپا پاڻ ويتر سگهارا ٿيندا. جيڪي پاڻ ۾ گڏيل راضپي سان پاڪ- چين وچ ۾ مفادن جي ضمانت ڏيندا. پٽو پنهنجي ويچار ۾ صحيح هو ته هندستان جا اُن ڏس ۾ تضاد وڌيڪ تيز ٿي ويندا ۽ پاڪستان جا ناتا هڪدم هندستان ڏانهن جهُڪاءَ لاءِ ضروري ٿيندا، نه ته تضاد چوٽ چڙهي ويندا. 1965ع جي پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ لڳل جنگ ۾ پيڪنگ، پاڪستان جي اصولي فوجي مدد ڪئي."

سليگ هيريسن صفحي 27 تي اڳتي هلي لکي ٿو:

"مسلم ليگ جا اڳواڻ پهرين پاڪستان ناهڻ لاءِ ذميوار آهن، ۽ انهن پاڪستان جو بنياد رُڳو مذهب تي رکيو آهي، ڇوته اُهي تنگ نظر جاگيردارَ معيشت جي نمائندا ڪندا هئا. تنهنڪري قدرتي طرح انهن

هڪبٹي پنيان راڄ ڪيو ۽ وڏي پيماني تي سماجي انصاف کان بہ لنوايو. نيٺ، ذوالفقار علي ڀُٽي پنهنجين ڪوشش سان بنگلاديش جي جنگ کان پوءِ باقي بچيل ڪنڊر مُلڪ کي بچايو."

سليگ هيريسن جي ڪتاب تي هتي لکڻ جو مقصد اهو آهي، تہ جيڪڏهن 1962ع ۾ آئون سائنو- آمريڪن لاڳاپن جي مستقل لاڙن کي اڳوات صحيح طريقي سان سمجهان ها، تہ هوند آئون پنهنجي ملڪ بابت جيڪر اجا وڌيڪ ڄاڻان ها، تہ اُن جو مستقبل ۾ ننڍي کنڊ ۾ ۽ هن علائقي ۾ ڪهڙو ڪردار تي سگهندو. انهيءَ مقصد لاءِ آئون جرمنيءَ جي ايلچيءَ سان 1965ع ۾ آفريڪا جي مستقبل بابت راولپنڊيءَ ۾ ڪيل پنهنجيءَ ڪچهريءَ تي ڳالهايان ٿو. ايشيائي قومپرستي انيڪ عنصرن کي پاڻ ۾ سموئي ٿي، جنهن جو مطلب آهي تہ اها وڌندڙ ويجهندڙ ۽ بيشڪ ڪنهن هنڌُ بيٺل نہ آهي. اُن جي هاڻي اها معنيٰ نہ آهي تہ، هندستان ڇڏيو. بورزوا قومپرستيءَ واري وڻ جون ڪيئي ٽاريون آهن، جيڪي گهٽي جاءِ تي ڇانوَ ڪن ٿيون. اُها ناهوڪي، نوس وصف ثابت ڪري ٿي تہ آمريڪا، ويتنام ۾ جيڪا آفت جهڙي غلطي ڪئي هئي، سا هئي آڳاٽين سيپتائن ۽ مذهبن جي جُڙيل ايشيا جي رنگارنگي قومن تي ٻڌل ايشيائي قومپرستيءَ کي گهٽي سادي نموني ۾ سمجهڻ. ڇا سامياواد، ايشيائي قومپرستيءَ جو ڀاڱو آهي، يا وري ايشيائي قومپرستي سامياواد جي ماتحت آهي. اُن ڳالهہ جو سادو جواب اهو آهي تہ اهو هر ملڪ جي تاريخي حيثيت تي آڌار رکي ٿو. ڪجهہ ملڪن ۾ اهو ايئن آهي، تہ وري ڪجهہ ملڪن ۾ نہ ايشيا ۾ اهڙا ڪيترائي مُلڪ آهن، جتي اهڙي قسم جو سُوال اجا اُٿيو ئي نہ آهي.

جديد سامياواد ڇا آهي؟ اُهو سوويت يونين جو سامياواد آهي، يا وري چين جو. مارشل ٽيٽو يا فيڊل ڪاسترو جو سامياواد آهي، يا ويتنام يا ڪمبوڊيا جو يا وري انگولا جو قومي سامياواد آهي. ڇا اهو يورپي سامياواد آهي؟ جيڪڏهن اُهو يورپي سامياواد آهي، تہ پوءِ ڇا اهو اٽليءَ جو تاريخي ناهہ آهي؟ يا اسپين جو سامياواد. جنهن پاڻ کي ليننزم جي مٿي

انڪاري ٿي نٿو سگهي، ۽ نه ئي اولهه. ايٿوپيا کي ڪو اختيار نه آهي ته اهو اريٽيريا کي قيدي ۽ ٻانهو بڻائي.

اريٽيريا کي ايٿوپيا سان ڳنڍڻ سوڀ جو اُگهاڙو عمل هو. اسان اهو پاسو ڪٿون، جيڪو سچ هجي. اسان ڪنهن تي پاڙي اڳوات سوچيل جاءِ تي نه بيهون. ذهني ويچار پٽاندر آفريڪي شعور ايشيا کان گهٽ آهي. پر ايشيا جيان آفريڪا ۾ به قومپرستي زبردست قوت آهي. قبائلي ۽ انيڪ قسمن جي اُن قومپرستيءَ واري نظريي ۾ سامياواد جو رنگ آهي، جيڪو سوويت يونين، ڪيوبا ۽ اوڀرندي جرمنيءَ بجاءِ اولهندي ملڪن تي وڌيڪ پاڙي ٿو. تنهنڪري اهو آفريڪي ڪنڌ ۾ اُن جي اُبتڙ موٽ ڏئي ٿو. هاڻي اولهندي ملڪن جو ورتاءُ آفريڪا بابت بدلائڻ کپي. ڪوجهي ۽ ڪاري ماڻهوءَ جي پاڻُ تي فخر واريءَ اهميت کي سمجهڻ گهُرجي، اُن ۾ رڳو وات هلائڻ واريءَ ڪيڏ ڪارائتي نه ٿيندي. آفريڪا کي ٻنهي هٿن سان لُٽڻ بند ڪيو وڃي. اهو ڪافي نه آهي ته سرڪاري بس ۾ آفريڪي کي پرسان ويهڻ جو حق ڏنو وڃي، ۽ چيو وڃي ته. آفريڪا هاڻي بدلجي چڪو آهي. بهرحال اُهو بدلبو رهندو. آفريڪي ماڻهو پُنتي پيل ۽ قبائلي هوندي به پنهنجي بيعزتي نه سهندا. ايئن ايشيائي حالتن ۾ به سُڌارو آيو آهي. ۽ ساڳيءَ طرح آفريڪا ۾ صورتحال ويتر تيزيءَ ۽ گهرائيءَ سان سُڌرندي. هاڻي نيوڙت ۽ ڏام ڏومر سان سهائتا جو وقت به گذري ويو آهي. هاڻي آفريڪا جو ويڙهاڪ ماڻهو پرڏيهي لُتمار ڪندڙن اڳيان، 1896ع جي شهنشاهه اشانتي جيان نه ريڙهيون پائيندو ۽ نه ئي ڪنڌ جهُڪائيندو.

آزاديءَ جي باڪ ڦُتڻ سان آفريڪا پنهنجي ماريل ۽ ڪُٺل ٻارڙن جي مانُ ۽ شانُ واري مستقبل لاءِ قبائليت ۽ ٻينڪيتن جي ورثي تي چڙهت ڪندو.

اولهه يورپ ۾ اهڙي صورتحال آهي، جو يورپ جو نئون نسل مهانَ سپيتا ۾ سرگرم سامياواد کان پري نڪري ويو آهي. يا ايئن چيو وڃي ته اُن سبب سامياواد پُنتي رهجي ويو آهي. شايد بنيادي ويچار پٽاندر آفريڪا يا لاطيني آمريڪا بجاءِ يورپ ۾ صورتحال وڌيڪ ڳنڀير آهي.

اولهہ يورپ ڀھرين پاڻ کي مذهب پٽاندر بچائي. پوءِ آفريڪا کي ڇاتابردار ايلچيگيريءَ ذريعي بچائي. ڇوتہ اولهہ يورپ ۾ سرمايداري نظام خطرناڪ حد تائين بيمار آهي. ناٽي جي ڦهلاءَ جي حد وڌي وئي آهي. جڳ مشهور معاشي ماهر هائيڪ ۽ ڪينس اولهندي ملڪن لاءِ مُدي خارج ٿي پيا آهن. اندروني تضاد اوُج تي پهچي چڪا آهن. ۽ نئون نسل جامد صورتحال کان چِڙيل آهي. هڪ نُقطي تي نوجوانن پنهنجون اُميدون يورپ جي ساميا واد پارٽين سان جوڙيون آهن. پر يورپ جون ساميا واد پارٽيون گهڻي عرصي کان هئڻ ۽ نہ هئڻ جي وچ ۾ لُڏن پيون. انهن پوريءَ طرح نوجوانن ۽ پورهيت طبقي جي جيئرن جاڳندڙ آدرشن جا سپنا ٽوڙي ڇڏيا آهن. زوالجندڙ يا بگڙيل سرمايدار نظام بجاءِ. هڪ جيئرو پر ڏڪندڙ متبادل يا غيرمتوازن يورپي ساميا واد ڪيئن رهندو تنهن بابت بہ هاڻي سچائيءَ تي ٻڌل رَويا اُڀرن پيا. يورپي ساميا واد جو هاڻي ڇيد پيو ٿئي. ۽ هاڻي اهو انقلابي طاقت طور غيرموثر بڻجي چڪو آهي. اُن جي زوال اولهہ يورپ ۾ سوويت يونين جي سياسي اثر کي تہ لوڏيو آهي، پر انقلابي نظريي جي روپ تي ڪنهن بہ ريت اثرانداز نہ ٿيو آهي، جو اُن انقلابي نظريي وڏيڪ ويڙهاڪ روپ ڌاري ورتو آهي. نوجوان نسل ۽ تصورپسند. سرڪار جو ڏاڍ ٽوڙي ظلم ۽ گهُٽ وڌيڪ پائنين ٿا. اُهي بيخبر تصوراتي نسل جي خيالن ۽ انقلابي اُمنگن جي پُورٽتا لاءِ ڪنهن متبادل لاءِ واجهائين پيا. ڇوتہ اُهي 'پلاسٽڪ دؤر' کان بيزار ٿي پيا آهن. يورپي ساميا واد جو ڀرم ٽُٽي پيو آهي، ڇوتہ اهي سمجهن پيا تہ يورپي ساميا واد جو سرمايدارَ نظام سان جُڙتو حرفتي ناهہ. حڪمت عمليءَ جي پوئتي موٽ آهي. تنهنڪري اُهي اُن حڪمت عمليءَ جي پٺتي موٽ لاءِ تيار نہ آهن. ۽ اهي اوندهہ ۾ اڳتي وڌڻ کي ترجيح ڏين ٿا.

فرانس ۾ 1968 ۾ "رُڪاوٽ کي رڪاوٽ سڏيو' جي نعري گهڻي مشهوري ماڻي هئي. يورپ جي نئين نسل ايئن سماجواد ٽوڙي ساميا واد ۽ سرمايدارَ نظامن ٻنهي کي رد ڪيو آهي. تنهنڪري هاڻي روڪڻ لاءِ

ڪجهه بہ نہ بچيو آهي. ٻنهي نظامن جي غير موجودگيءَ ۾ اُهي ڇا ناهيندا؟ ڇا انهن جي ناهڻ جو نظريو هوندو. نئون فلسفو نئين جوڙجڪ ۽ شعوري طور پنهنجي تباهي پاڻُ آڻڻ؟ اُها نِسوري ڇريائپ ٿي لڳي.

۾ يورپ جو نئون نسل ڇريو نہ آهي. جيڪڏهن قوم ۽ رياست جي جوڙجڪ ٻن مهان طاقتن جي ضابطي هيٺ رهي، تہ پوءِ دنيا جي هڪ نيوٽران ٻم جيان ڦاٽي پوڻ اٽَل آهي. ۽ جيڪڏهن اُهو عالمگير ڌماڪو ٻين جي ڇُرچ تي ٿئي. جنهن جو امڪان آهي، تہ پوءِ ڇا اها وڌيڪ غيرتمندي آهي تہ ننڍي پيماني تي ۽ بيدرديءَ سان پاڻمرادو پنهنجي تباهي پاڻُ آڻجي.... ڇوتہ مثبت عمل اڳتي وڌڻ جو اُتساهہ ڏئي ٿو. اُن جي قوت ۽ رفتار رُوپ وٺي ٿي. جيڪا ڇِٽنگ جي چمڪ مهل سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي يا ٿيڻ جهڙي نٿي لڳي. دل گواهي ڏئي ٿي، تہ سچ ڪي ڪتب آندو وڃي، ڳولي لهجي، ۽ پوءِ دل اهو فيصلو ڪري.

چنگيز خان جڏهن منگوليا جي ننڍڙي ڳوٺ مان گهوڙي سوارن سان گڏ نڪتو تہ ڇا هُن ڪي پتو هو تہ، سندس پويون نسل يورپ، روس، چين ۽ هندستان تي سوڀ پائيندو ۽ اهڙو نظام رواج ۾ آڻيندو جيڪو ڪيئي پيڙهين تائين اَٽل رهندو. تاريخ ۾ ماڻهن جا اهڙا انيڪ مثال آهن. جن سماج ناهڻ بجاءِ ڊاهڻ جي مقصد جي ذميواري مڃي آهي. تاريخ ۾ اهڙا مثال بہ آهن، جو جن ماڻهن سماج کي ظاهري طور ناهيو تن اصل ۾ کيس تباهہ ۽ برباد ڪيو هو. يورپ جي شهرن هائيڊل برگ ۽ ٽريني ۾ پيرس ۾ الهامي علم واري شعبي جي نوجوان مردن ۽ عورتن، 'آڪسفورڊ ۽ ڪئمبرج وارن نہ'، پنهنجيون دليون روشن ڪيون آهن. اهو رڳو وقت ئي ٻڌائيندو تہ اهو شملو دنيا کي نئين روشني ڏيندو يا وري سڀ روشنيءَ جا ڏيئا وسامي ويندا.

اولهہ يورپ کان ايشيا ۽ آفريڪا جي حالت وڌيڪ مُنجهيل ۽ ڳنڀير آهي. آفريڪا ۾ ڇڪتاڻ اڃا اوائلي ڏاڪن تي آهي. ايشيا ۾ اها هڪ حالت مان ٻئي حالت ۾ اچي چڪي آهي. ۽ يورپ ۾ تہ اها اڃا گهڻو ڏُور آهي. اڄرج جي ڳالهہ اها آهي تہ يورپ. آفريڪا بابت اڃا بہ پريشان














Nishat Studio










DAWN NEWS
KTN
Ptv









ڏيان ۾ رکيو وڃي تہ اسرائيل وٽ نيوڪليائي هٿيار آهن. وچ اوڀر ۾ يا سندس ڀرپاسي فوجي آمريت. قومن ۽ ننڍين قوميتن واريءَ رياست جي نظام کي وڏيڪ تيزيءَ سان چڙوچڙ ڪري ڇڏينديہ جيڪي نيٺ سماجوادي طاقتن جي قبضي ۾ اچي وينديون.

اصل ۾ ايراني شهنشاهہ بلڪل صحيح هو جڏهن 1978ع ۾ جُون مهيني جي اوائل ۾ هُن چيو هو تہ ايران جي وڳوڙ ۽ ڏڦيڙ جو نتيجو اهو نڪرندو جو ڪو بادشاهہ اچي تخت تي ويهندو. ايران ۾ بہ ڪو شهنشاهہ طائوسي تخت تي ويهندو جيڪو گهُرج پٽاندر آئين ۾ سُڌارا آڻيندو يا وري طائوسي تخت ايران جي ڪنهن عجائب گهر ۾ رکيو ويندو. ڀچاڙڪي ڇنڊڇاڻ پٽاندر ايران ۾ بادشاهيءَ 'شهنشاهيت' بجاءِ نہ مُلان آهن، ۽ نہ فوجي جنتا. پر اُن جي جاءِ ايران جي سامياواد توده پارٽي ئي، وٺي سگهي ٿي. آزاد خيال لوڪشاهي ڇا آهي؟ ايران ۾ آزاد خيال لوڪشاهيت جي روايت ئي نہ آهي. اُها ڪنهن شهنشاهيت جي هٽ هيٺ هلي سگهي ٿي، جيڪو پارليامينٽ کي لوڪشاهي حق ڏئي. پر اُها ڪنهن ٺاهوڪي جتاءِ بجاءِ ٺُرت هيٺ اچي ڦهڪو ڪندي، ڀهرين پيري تہ لالچي جرنيل اُن جُڙتو وڳوڙ جو فائدو وٺندا. پوءِ اُهي پاڻ ۾ وڙهي مرندا. جيڪڏهن ڪو جرنيل انهن ماڻهن وچ ۾ مخالفت ۽ ڇتاپيٽي ڪندو تہ اُن وِٿيءَ دؤران توده پارٽي قدم رکنديہ تہ جيئن ٻُڏندڙ ٻيڙيءَ جي باقيات کي ايئن بچائي سگهي، جيئن نيپولين فرانس جي باقيات کي بچائڻ لاءِ نروار ٿيو هو. وڏيڪ نيڪ مثال لينن جو آهي، جنهن زار جي خاتمي کان پوءِ رُوس کي بچايو ۽ وڏيڪ تازو مثال مائوزي تنگ جو آهي، جنهن جنرل چيانگ ڪائي شيڪ کي ورثي ۾ مليل وچين بادشاهت جي زوال کان پوءِ چين جي باقيات کي بچايو.

لاطيني آمريڪا پڻ گهڻي عرصي کان آمريڪا جي نگهبانيءَ ۾ رهيو آهي. اُن کان اڳ اسپين ۽ پورچوگال جي بيرحم ظالماڻي بينڪيت هئي، جنهن لاطيني آمريڪا کي ايتري اجازت ئي نہ ڏني، تہ اها دانشمنديءَ سان

اُڀري ۽ ترقي ڪري سگهي. لاطيني آمريڪا جي گرم ڌرتيءَ ۾ لوڪشاهيت جو ٻوٽو پوکيو ئي نه ويو هو: رڳو نيپولين جي ميڪسيڪو ۾ ڪِل جهڙي بادشاهتِ جوڙڻ ڪانسواءِ اُتي سرڪار هٿي ئي ڪونه. اهو وڏو ڪنڊ ئي هو جتي جا ماڻهو جذباتي ۽ تيز ۽ تِکا هئا. جن ۾ ڏيهي بادشاهت يا لوڪشاهيت جون روايتون ئي نه هيون. لاطيني آمريڪا اهڙن جابر آمرن جو ڪنڊُ بڻجي ويو جن قانون جي اهميت کي گهٽائي ڇڏيو. جن اسپين ۽ پورچوگال جي ٻاهرين بينڪيت بدران پنهنجي قسم جو اندروني بينڪي راڄ جوڙيو. لوڪشاهي روايتن نه هڻ سبب ڪين ظلم جي راڄ جوڙڻ ۾ سهولت ٿي. هنن مان گهڻا يا سڀيئي آمريڪا جا پِٺوءِ ٻانها هئا. منجهانئن ڪو جيڪڏهن مختلف نظرين جو هو تنهن کي ڌِڪي ٻاهر ڪڍيو ويو يا قتل ڪرايو ويو. اهڙين ذلت وارين حالتن 1958ع ۾ ڪاسترو کي جنم ڏنو. ۽ انهيءَ ورثي فيڊل ڪاسترو جي اهميت کي لاطيني آمريڪا ۾ وڌيڪ سگهارو ڪيو. نندڙو ڪيوبا, مهان طاقت سرمايدار آمريڪا جي ڳڳ ۾ ڪنڊو ۽ اولهه يورپ جي مهان طاقتور قومن لاءِ پوائنٽو سپنو آهي.

لاطيني آمريڪا وڏين تبديلين لاءِ سوچي پيو جيڪي تبديليون جهيڙي ۽ رتوڇاڻ واريون هونديون. اُها جدوجهد ماڻهن ۽ فوجي جنتا وچ ۾ هوندي, اُهو پڌرو آهي ته. اُن ۾ عوام جي سوڀ ٿيندي. جيڪڏهن ڪا رُڪاوٽ ٿي ته اُها هلچل کي ويتر رتوڇاڻ بڻائيندي ۽ وڌيڪ تکڙو ڪندي ۽ نيٺ بيشڪ ماڻهن جي مڪمل سوڀ ٿيندي.

آفريڪا جي ڏاهپ ڀريل نبيري مهل عقلمند سُلجهاءُ لاءِ, لاطيني آمريڪا خاطر پڻ ساڳيءَ روشن حڪمت عمليءَ کي ساڳي طريقي سان واپرائي سگهجي ٿو. اهو وقت آهي ته پاڻ کي مِٽائيندڙ خوديءَ واريءَ هَٺَ ڪان لنوائي, عقلمند سوچ کان ڪم ورتو وڃي, نه ته پوءِ شايد گهڻي دير ٿي وڃي. اُهو سُنو آهي ته پاناما ڪئنال وارا معاهدا, پلي سندن ڪهڙي به قيمت هجي, وقت تي ٿيڻ کپن. ٻيءَ صورت ۾ وڏي مُدي لاءِ طريقيڪار جا نتيجا هاڃيڪار ٿيندا. بيشڪ فيڊل ڪاسترو آمريڪا جي حالتن جي

ساڳي ڳالهه ايشيا جي صورتحال بابت چين ۽ جاپان بابت به چئي سگهجي ٿي. سوويت يونين جي اثر هيٺ غيرجانبداريءَ واري پرڏيهي پاليسي (Finlandization) مُنجهيل ۽ ڄَٽڪي ڳالهه آهي، جنهن کي اڄڪلهه طاقتور سياسي لاڙا ڄاڻائڻ لاءِ ڪتب آندو وڃي ٿو.

آئون وري اها ڳالهه ورجايان ٿو ته، صورتحال ساڳيءَ وَهڪ ۾ نه آهي. هڪڙي پاسي ڇڪتاڻ وارين حالتن جو خاتمو آهي، ته ٻئي پاسي گهڻا نوان تضاد اُڀرن پيا. جيڪي علائقي ۽ سموري دنيا ۾ آهن. اُهي ساڳيءَ طرح ڳوڙهي سياسي، فوجي ۽ معاشي اهميت به رکن ٿا. ڪجهه حالتن جو ڇيد ڪندڙ ايئن چون ٿا ته نئين سرد جنگ شروع ٿي چڪي آهي. ٻيا اڳتي وڌيڪ وڌيڪ چون ٿا ته ٽين مهاڀاري جنگ شروع ٿي چڪي آهي. وڌيڪ رَب ٿو ڄاڻي، پر جيڪو به دنيا ۾ ٿئي پيو سو چڱو نه پيو ٿئي.

تاريخ ۾ ڪالهوڪا نعرا رڳو ماضيءَ جا گيت بڻجي ويندا: توڙي اُهي ٻَدل يا ڳايل آهن جيئن 'جادوءَ ڀريل شام' يا 'رات ۾ هڪ ڏاريو' جهڙا گيت. جيڪي اڃا به جذبن کي ڀڙڪائين ٿا. اُهي گيت مون 1950ع ۾ برڪلي ۾ ۽ 1960ع ڌاري جنيوا ۾ ٻُڌا هئا. جيڪي منهنجي رت کي جوش ڏياريندا هئا. هاڻي اُهي منهنجي رَت ۾ اُها گرمي نٿا پيدا ڪن.

بئنڊيوگ ڪانفرنس ۾ غيرجانبدار ۽ آزاد دنيا جهڙا اصطلاح اڃا به جذبن کي جاڳائين ٿا. پر اُن تجلي جي گرمي ختم ٿي چڪي آهي، ڇوته واقعن ۽ نتيجن طور حالتون اڃي مٿان پهتيون آهن. نئين بينڪيتي راڄ جي لِڪل هٿ مٿان پنهنجي مدد جي ڏيکاءَ جو ڪوبه فائدو نه آهي. جيڪڏهن جديد بينڪيت جو اُگهاڙو هٿ دنيا جي ڪيئي مختلف پاڱن ۾ پڌرو ڏسڻ ۾ اچي پيو ته اُن جو اهو مطلب نه آهي ته غيرجانبدار هلچل ختم ٿي چڪي آهي. سرمايدارَ نظام يا هڪ سوچ تي ٻَدل سامياواد جا نظريا جيترو پاڻ ٽڪجي چڪا آهن، سي ان کان وڌيڪ نه ٽڪيا آهن، ۽ نه ئي وڌيڪ ٽڪبا: جيستائين سرد جنگ سچ پچ ختم ٿئي، ۽ ديوار برلن کي ڪيرايو وڃي.

برطانيا وٽ ڏکين گهڙين ۾ نهراءُ آڻڻ لاءِ وري شيطاني طريقا اهن، جن تي اُهي وڏيڪ ردعمل بہ نٿا ڪن. سر فرانسز ڊريڪ جو اسپيني جنگي جهاز جي آرماڙ بابت ردعمل ئي بنيادي جوهر آهي. اُهي برطانيا جا پنهنجا سياسي ۽ فوجي آثار ۽ اندروني توڙي پرڏيهي خلفشار آهن، تن مٿان سندن پاليسيون لڳاتار چانيل رهن ٿيون. اُها سُني سياست آهي تہ گهٽو ردعمل ڏيکارڻ ۽ وڏيڪ ماڻهو مارائڻ بجاءِ روڪ يا پاسيرو رهجي. اينڊريو ينگ جوڪائتو هو پر پرڏيهي اوُکن مامرن جي نبيري جو ڪيس تجربو هو تہ ڪيئن ڪين آگيا ڏيئي موڪلائجي. برطانيا ۾ اُهي لَڇڻ آهن، جو اهي ڊِل مان ڪڏهن منزل ڏانهن وڌڻ (Devolution) جهڙا نوان اصطلاح جوڙي جيئن پراڻو اصطلاح وفاق (Federation) هڪ گڏيل رياست جو اهڙو انتظام جيڪو مضبوطي وٺي. ڪنهن کي پتو هو تہ هڪ ڏهاڪي ۾ برطانيا وفاقي روپ ڌاريندو جنهن جي نمائندن (House of Lords) جي جاءِ وفاقي سينيٽ (Federal Senate) وٺندي.

عوامي لوڪشاهي، اولهہ جرمنيءَ جي وفاقي حڪومت، محنت ۽ عام ماڻهوءَ جي سِڪيا جو معجزو هو جنهن جرمن قوم جي ٻيءَ شڪست کان پوءِ مايوسيءَ تي ضابطو آندو هو. جرمن پورهيتن پڪو پهہ ڪيو هو تہ اُهي بيعزتي ۽ شڪست کي سوڀ ۽ مانُ مريادا ۾ بدلائيندا. اهو فرينچ ـ جرمن ويڙهہ جي پلاند کان پوءِ پنهنجو مقامي پيهر ماڻڻ هو. جرمن ماڻهن جيڪو مقام ماڻيو سو ساراهڻ جهڙو هو. هاڻي اُهي ٿورڙو آرام پيا ڪن. جرمن جو نئون نسل ساڳيءَ، ضابطي يا قائدي واري ڏکي ڪم ۾ اکين سان اکيون ملائي پيو. نئين نسل جو طبقو سندن وڏڙن طرفان برطانيا جي ورتاءُ لاءِ ڏيکاريل ڊِڪار بجاءِ حق پيو وٺي. فرينچ اڳ ۾ اُن ڳالهہ تي پروسو ڪندا هئا، تہ اهڙين ڳالهين کي ايترو ڳنڀيرتا سان نہ ونڻ کپي. اهڙن لڇڻن جي اوُسر ۾ واڌارو اولهہ يورپ جي تياڳيل سرشتي جون گهُرجون ڪيئن پُوريون ڪندو خاص ڪري جڏهن بينڪيتون ختم پيون ٿين. ڇا اهڙين حالتن بگڙجڻ سبب يورپ ۽ آمريڪا ويڙهاڪ قسم جي بينڪيت جوڙيندا؟ جيئن تازو زائر مٿان فوجي آپريشن مهل ڪرنل قذافي چاڻايو.

اهو ممڪن آهي تہ اُها نراسائيءَ جي انتهائي ڪوشش هجي. تہ ٽين دنيا جي وسيلن تي ڪيئن قبضو ڪجي. شايد ٽين دنيا ۾ پنُو يا ڪٺ پُتليءَ سرڪار ذريعي يا فوجي هٿچُراند ڪندي ڪيو وڃي. مونکي پڪو آهي تہ نيٺ جديد بنيادن تي نون اصولن پٽاندر سفارتڪاري يا ايلچيگيري ضرور ڪو روپ وٺندي. 1973ع ۾ رمضان واريءَ جنگ کان پوءِ اها ڳالهہ پڌري ٿي آهي، جنهن پٽاندر تيل جي قيمتون اوچتو وڌي ويون آهن. اُن اُپار پٽاندر دنياوي معيشت گهوٽالي ۾ ۽ غيرمتوازن رهي آهي. اُتر ۽ ڏکڻ جي ورهاڱي وڌيڪ ويڇا وڌايا آهن. ۽ اُن جو ڪوبہ سُلجهاءُ ڏسڻ ۾ نٿو اچي.

گڏيل قومن جي امن واريءَ عالمي ڪانفرنس يا گڏيل قومن جي خاص گڏجاڻيءَ کان پوءِ بُون شهر ۾، اينڊرڙ مهيني مُک ستن صنعتي طاقتن جي ڪانفرنس رٿيل آهي. برطانوي وزيراعظم ڪيلاهان چاٽايو آهي تہ "اهڙين ڪوششن سان اُتر ۽ ڏکڻ وچ ۾ ناهہ ڪيو ويندو." پر پُراڻن تجربا سامهون رکندي مونکي شڪ ٿو ٿئي تہ 1978ع جي جولاءِ مهيني واري بُون ڪانفرنس مان ڪي اهڙا پڪا ۽ قيمتي نتيجا بہ نڪرندا. ڪنهن ناهہ تي پهچڻ لاءِ وڏين صنعتي طاقتن طرفان اهو سمجهندي تہ سندن معيشت ايڏي جوکي ۾ آهي، پوءِ بہ منجهن صاف نيت جي کوٽ آهي. تہ اُهي پنهنجي گهر ۾ ويهي خيرات يا سخاوت ڪيئن شروع ڪندا. اصل ۾ اُها ئي ڳالهہ آهي، جنهن کي هُو سمجهي نٿا سگهن. ٽين دُنيا خيرات نٿي گهُري، پر اهو پنهنجو جائز حق ۽ حصو گهُري ٿي.

ڀيءُ مهاڀاري يُدّ جي پُڄاڻيءَ مهل سرد جنگ جي ڇتاڀيٽي شروع ٿي، جنهن وري هڪ ڀئي وٺ هٿيارن سبب ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي کي جاءِ ڏني. اسان هن گهڙيءَ تي ڏسون پيا تہ، ڇڪتاڻ وارين حالتن سبب نراسائي وڌي پئي. مئي مهيني جي پڇاڙيءَ ۾ آمريڪي صدر جمي ڪارٽر جي تقرير ۽ تازو ائناپولس ۾ هُن جي تقرير مان اهو اشارو مليو تہ عالمي طاقتن جي راند (عالمي طاقت لاءِ جاکوڙ) جُڙتو ۽ غيرحقيقي ڇتاڀيٽيءَ ڏانهن منتقل ٿي پئي. اِهو اسان جي سوچ تي آڌاريل آهي، تہ اسان اُن کي ڪيتري اهميت ڏيون ٿا.

مون پنهنجي ڪتاب ’آزاديءَ جي ڏندڪٿا‘ ۾ اُن جي واڌاري تي ويچاريو آهي. شايد آئون هينئر موجود فرضي ڳالهين کي پڌرو ڪريان ۽ مُک شين کي جوڙيان يا پلٽائي ڇڏيان. ٻه طرفي گڏيل مفادن واريءَ سوچ جي جوڙجڪ، جنهن جو مون تين دنيا لاءِ اورچائيءَ سان پرچار ڪيو آهي، ۽ پاڪستان لاءِ خاص طور ڪئي آهي، تنهن کي شايد ٻيهر ڇڪاسٽو پوي. ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي دؤران غيرجانبدار ملڪن جي تنظيم جي گهٽجندڙ قدر کي جُڙتو ڇتاپيٽيءَ يا غير حقيقي ڇڪتاڻ وارين حالتن جي خاتمي ذريعي موٽائي سگهجي ٿو. ٻئي طرف لاڳاپن کي وري نئين ڪري سگهجي ٿو.

جڏهن پاڪستاني سرڪار جون واڳون منهنجي هٿ ۾ هيون، تڏهن 1976ع جي وچ ڌاري منهنجو ابتدائي ڌيان انهن مُک طاقتن ڏانهن ويو هو جيڪي دنيا جي مٽبدل تي پاڻ ۾ وڙهيون پئي. مون 1976ع ۽ 1977ع ۾ انهن ڳالهين ڏانهن سندن ڌيان ڇڪايو هو ۽ پاڪستاني عوام کي ٻڌايو هو ته ٽي مُک جبري ۽ سخت قوتون آهن، جيڪي سرگرم عمل آهن. ڪڏهن اُهي طاقتون هڪٻئيءَ سان برابريءَ ۾ آهن، ته وري ڪڏهن هڪٻئي سامهون ڇتاپيٽيءَ ۾ آهن. اُهي قوتون آهن: مذهب، سامياواد ۽ قومپرستي. اُهي ٽيئي آدرش ماڻهن ۽ قومن جي ذهنن تي اثر پيا وجهن.

مون پاڪستانين کي ٻڌايو ته ڇمڪندڙ هٿيارن وچ ۾ اڪيلي نمازي ٽيڻ بجاءِ اُهو هن علائقي ۽ دُنيا جي توازن جي حق ۾ آهي ته سندن هڪ هنڌ گڏجندڙ نُقطن مان فائدو وٺجي. ڪين سرچاءِ ۾ رهڻ ڏجي، ۽ منجهن وڌندڙ تضادن وارن نُقطن کان پرهيز ڪجي ۽ ٽڪراءَ کان بچجي. وڌيڪ مون اهو پڌرو ڪيو ته، سڀ کان وڏو فن مٿس عمل جو آهي، ته پنهنجي نظريي تي قائم رهي، ڪنهن ناهه يا تابعداري بغير ايئن ڪجي. اُن جو اڪيلو مطلب آهي: پاڻ به جيئو ۽ ٻين کي به جيئڻ ڏيو. منهنجو مقصد آهي ته جيڪا سچائي آهي، ۽ جيڪو ڏسڻ ۾ به اچي ٿو تنهن تي ڌيان ڏجي. توهان امن جي ڳولا ۾ سِڌو رستو وٺي يروشلم ڏانهن نٿا وڃي سگهو. ڇو ته اهو سڳورو ۽ پاڪ شهر آهي، ۽ نه آفريڪا جو مسئلو ايئن سُلجهائي

ڪٽي نہ سگهندو. جنگبنديءَ مهل هاٿوڪين قوت جي سڃاڻ سان منجهن نئين سهيڙ ۽ برابري جنم وٺندي. طريقيڪار پلي کهڙو بہ هجي، تنهن کي جنگ جي ميدان ڏانهن ڦيرائي نٿو سگهجي. اُهو جنگ جو پراڻو طريقو هجي يا نئون سرد جنگ جو طريقو نئين عالمي ترتيب کي ٽين دنيا جي چوٽيءَ جي ڪانفرنس جي گهُرجن پٽاندر نڪري نروار ٿيڻو آهي. اُتر ۽ ڏکڻ جي مخالفت کي اهڙي ايمانداريءَ سان ڳولهڻو آهي، جيڪا ٺهمت کان آجي هجي. هٿيارن ۾ گهٽتائي پنهنجو پاڻُ نہ ايندي، ۽ نہ وري گڏيل قومن واري اداري ۾ هٿيارن گهٽائڻ بابت اپوڳائي ۽ ڀرائي وارن خاص گڏجاڻين ذريعي ايندي. آئون جيتوڻيڪ انهن ماڻهن ۾ سڀ کان پهريون هئس، جنهن ارڙهن ورهيہ اڳ اهڙين گڏجاڻين بابت مشورو ڏنو هو پر اُن کان پوءِ مون اهو بہ ڀڏايو هو تہ هٿيارن ۾ گهٽتائي بابت ڳنڀير اُپاءُ وٺي نہ سگهبا. جيستائين چين ۽ فرانس کي اُن ۾ شامل نہ ڪيو ويندو. مون ارڙهن ورهيہ اڳ اهو بہ چيو هو تہ ڪانفرنس گهٽي دير سان ڪوٺائي وئي آهي، ۽ هڪ ڀيرو وري واقعا تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ لڳا آهن.

دنيا جي اڳواڻن اورينٽ چيمبرس ۾ هٿيار گهٽائڻ واريءَ ٽيل ڪانفرنس ۾ تقريرون ڪيون. انيڪ هٿيارن جي چٽاپيٽي چريائپ جي حد تائين پٺي پهچي، جنهن جو ڪاٿو ديچاريندڙ ۽ نرالو آهي. اچو تہ آئون وهان کي انهن انيڪ هٿيارن جون مُک وصفون پڌريون ڪري ٻڌايان:

- دنيا جون قومون 1970ع ۾ هڪ سال ۾ 200 بلين ڊالر فوجي هٿيارن تي خرچ ڪنديون هيون، پر هاڻي اُن جو ڪُل 400 بلين ڊالرن کان وڌيڪ تي ويو آهي.
- دنيا ۾ مُستقل فوجن جو تعداد 1978ع ۾ وڌي.وڃي بہ ڪروڙ ٽيهن لکن تائين پهتو آهي، جيڪو 1970ع کان ويهہ لک وڌيڪ ۽ 1960ع کان ستر لک وڌيڪ آهي.
- وڏيون صنعتي قومون هاڻي 8 بلين ڊالرن جا فوجي هٿيار ننڍين غريب قومن کي وڪڻن پيون: 1970ع کان اٽڪل ٽيڻا وڌيڪ ۽ 1960ع کان چار ڀيرا وڌيڪ

جاگرافيائي تبديليون ٿي ڪين نبيري سگهن ٿيون. اسان جي حقيقي مسئلن جي سُلجهاءَ ۽ نبيري ڪي جيڪا سڀ کان جوکائتي ڌمڪي آهي، سا فوجي جنتا کان اچي ٿي، جيڪا ڪوڙن هٿنڊڙ مارشل لا تي پروسو رکي ٿي. ڇا فوجي جنتا ۽ عالمي سياسي جنتا وچ ۾ بہ پُوروچوٽ سِڌيون ليڪون ڪڍي سگهجن ٿيون؟ فرق اهو آهي تہ عالمي سياسي جنتا اٻڙهيل ۽ اڻ سِکيل فوجي جنتا کان وڌيڪ هوشيار ۽ سچيت ۽ قُرت آهي. لالچ ۾ ايئن چوڻ تہ اُهي ٻئي هڪ جهڙيون آهن، تنهن کي روڪي نٿو سگهجي، منجهس سنئون سڌو وڌاءُ ٿيندو جو اهڙي عقل جو پاسو ونجي. بيشڪ منجهس مٿاڇريون ۽ فطرت جي اصولن تي نہ هلندڙ ۽ اڻ ٺهڪجندڙ هڪجهڙايون آهن، جو ٻئي استحصالي آهن. ۽ ٻئي سرڪار لاءِ چونڪرڙي ناهين ٿيون. پر بنيادي ويچار سان ڳالهائيندي هڪجهڙائپ (عقلي طور) يا مناسب طريقي موجب دُرست نہ آهي.

ايشيا جي صورتحال ۾ گهٽي قدر گڏوچڙ قسم جي قومپرستي آهي. اُن قومپرستيءَ جو سڀ کان نازڪ رُخ اُن جي ڍانچي ۾ وڌيڪ ننڍي پيماني تي فرقيوار قومپرستي آهي. اُن مسئلي وري ٻيهر وڌيڪ شِدت سان ڪر کنيو آهي، نہ رڳو ايشيا ۾ پر يورپ ۽ ڪئناڊا ۾ بہ. ۽ اها آفريڪا ۾ بہ پڌرو آهي. اهو مسئلو اولهہ يورپ ۾ برطانيا ۽ اسپين ۾ پاڻمرادو پڌرو ٿيو آهي. اُهي رڳو بہ مثال آهن. اوڀر يورپ ۾ سڀ کان چِٽو مثال يوگوسلاويا جو آهي. ڪئناڊا ۾ وري ڪيوبيڪ ۾ اهو چُڙواڱ اؤسر تي آهي.

هڪڙي پاسي دنيا اچ- وڃ ۽ سُڌسماءُ جي ذريعن سبب سُسي ننڍڙي پئي ٿئي، اجتماعيت جو روح وڌيڪ سگهارو ٿي اُڀري پيو. اتفاق ۽ علائقائي سهڪار ۽ خواهشون تيز پيون ٿين، جيڪي اسان يورپي ڪامن مارڪيٽ جي روپ ۾ ڏسي سگهون ٿا. يورپ جي پارليامينٽ ٺاهڻ جي سڌ ۾ يورپي يونين ۽ 'آسيان' اسلامڪ سيڪريٽريٽ ٺهڻ ۽ ٻئي پاسي لساني ڌار ڌار قومن ۽ ٻولين جي خوديءَ پڪو ارادو ڪيو آهي تہ بيشڪ اُهي پنهنجي سُڃاڻپ اجتماعيت جي مزاج ۾ برقرار رکنديون. ڪنهن وقت اُهو سمجهيو ويو تہ وفاقي مخالفت وارين دعوائن جو ٺهراءُ ڪندي هڪ وفاق.

اجا تائين فرقيوار قومپرستيءُ جو مُک جواب آهي. پر ڪجهه جاين تي اهو 'غير مؤثر' نامڪمل ثابت ٿيو آهي. شايد هتي پڻ مسئلي جو نبيرو لاچار اڳتي نڪري ويو آهي. ڪجهه هنڌن تي نبيرو وقت کان اڳ ۾ ٿيو آهي. ته وري ڪجهه هنڌن تي دير سان آيو آهي. اُهو نبيرو غلط طريقي سان لاڳو ٿيو آهي. يا وري غير ايماندارَ طريقي سان. جنهن سبب وفاق ۾ پروسو لُڏي ويو آهي. جڏهن ته اُن کان وڌيڪ اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي. جيڪا فرقيوارَ قومپرستيءُ واري جذبن کي جهَڪو ڪرائي. بجاءِ فوجي جنتا اچي زوري حڪمراني ڪري اهو ئي ماحول آهي. جو خراب ۽ نيچ قسم جا ڏيپُ فرقيوار قومپرستيءُ جو حقيقي روپ وٺن ٿا ۽ نِراسائيءُ جو پيمانو ٻرجي وڃي ٿو.

اهڙين حالتن پٺيان فوجي حڪمراني. ايشيائي قومپرستيءُ جو سڀ کان خراب دشمن آهي. اها عوام کي شراڪت جي حق کان محروم ڪري ٿي. اها گهڻي پاڳي فرقيوار قوميتن جي خوديءُ کي چِٿي ۽ چيچلائي ٿي. اُها عوام جي نمائندگيءُ وارن حقن جي پيڪڙي ڪري ٿي. اُهو گهڻو ڪري جڏهن فرقيوار قوميتن کي پيري ڌِڪي ٿي، تڏهن ننڍيون قوميتون سوچڻ لڳن ٿيون. تہ ساڻن دوکو ٿيو آهي. ۽ کين ڌِڪاريو ويو آهي. ۽ پوءِ سندن آزاديءِ حق خودراديت. دوکي سان قيد ۽ ڪُوڙا وچن ڪيا وڃن ٿا. تہ اُهي سگهارن بنيادن تي وڏيءُ قوم جي ڌارا ۾ شامل ٿين. پر انهن لاڳاپن جو فيصلائتو رُخ سدائين سرڪار جي هٿ ۾ رهي ٿو ۽ سُوراج يا خودمختياريءُ سرڪار جي هٿن ۾ ئي رهي ٿي.

اُن مامري جو مجڻ جهڙو تڏهن اُپاءَ آهي. جڏهن اُن جو بندوبست انصاف پسنديءُ ۽ سچائيءُ سان ڪيو وڃي تہ ايشيائي قومپرستيءُ کي جيڪو جوکو آهي. سو اُلوپ تي ويندو يا وري گهٽجي ويندو. هندستان ۾ وڏي پيماني تي قومپرستي سوراج جي ڍانچي تي جيئي پيئي. فوجي سرڪار پاڻ سرڪار کي ساڳئي ڦيري ۾ ايٺن ميساري ٿي. جيئن مڪڙ بيٺل فصلن کي هڪڙي ئي چڪر ۾ کايو چٽ ڪريو ڇڏين. ننڍين قوميتن جي خودمختياريءُ هيٺ هڪ هنڌ گڏجڻ بجاءِ. سندن ڪاوڙ

سمجھڻ ڪان انڪار سبب اُهي عليحدگيءَ لاءِ جنگ جوئي جدوجهد شروع ڪن ٿيون. تنهنڪري خودمختياريءَ ڪان نابريءَ وارو عمل قومي يڪجهتي ۽ اتحاد کي سگهارو نٿو ڪري، پر ڪيس تباهه ڪري ٿو. جاپان جيان هڪڙي قوم تي ٻڌل رياست نرالي ڳالهه آهي. چين پڻ پنهنجين قوميتن جي مامري جو نبيرو پاڻ ڳوليو آهي. جيڪو پارٽيءَ جي نظرين ۽ خودمختياريءَ ٻنهي پٽاندر آهي.

برما جيڪو ڏاڍو نرالو ۽ شاهوڪار ملڪ هوندو هو لعل ۽ ياقوت ۽ ڪچي مالُ جهجهو هوندو هو هر سال ڪيئي ڪروڙ ٽن چانور پرڏيهه موڪليندو هو سو اڄ اهڙي مونجهاري ۾ ڦاٿل آهي. ۽ پريشانيون ڪيس چوڌاري ويڙهي ويون آهن. صدر ني ون آزاديءَ جو سپاهي ۽ ڏاڍو ذهين آهي، پر هُن برما جي جنتا کي گهٽي وقت تائين دٻائي رکيو جنهن سبب ڪو سٺو نتيجو نه نڪتو. آئون اهو گهٽي ڀچتاءُ سان چوان پيو ڇوته ني ون منهنجو ذاتي دوست رهيو آهي. هن پنهنجي دوستيءَ جي پڌرائي 1967ع ۾ ڪئي، "جڏهن ايوب خان جو ٽولو منهنجي ڳچي ڪاهي پيو هو." آئون ٻاهرين چنبڇاڻ ٿو ڪريان ته. ڪيئن فوجي ٽولو ملڪ کي تباهه ٿو ڪري انڊونيشيا ۾ سوئيڪارنو مسئلن کي ڏاهپ سان ڪنيو هو جنهن ۾ سياسي سيلاب هئي، ۽ سياسي سوڀون هيون، پر پوءِ به انڊونيشيا ۾ مسئلو اڃا موجود آهي.

صدر سوئيڪارنو انڊونيشيا جو پايو وجهندڙ ڀيءُ هو. هُن انيڪ ٻيٽن کي سهيڙي، ڪين انڊونيشيائي قوم جو روپ ڏنو. هُن پنهنجن ماڻهن کي عام ٻولي ۽ لپي ڏني. هُن عورتن کي آزادي ڏني. هُن اريان کي مخالفن جي چُمين ۽ ناتو ملڪن ۽ آسٽريليا مان آزاد ڪرايو. هي بيجنگ ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو هو. هن انڊونيشيائي ماڻهن کي مانُ ۽ مهانتا ڏني. ۽ انڊونيشيا کي اهميت ڏياري ته هو ايشيا جي مُک قوم ٿئي. سوئيڪارنو سامياواد نه هو پر هُن سوويت يونين ۽ چين سان انڊونيشيا جا دوستاڻا ناتا

صدر هو. سوئيڪارنو جي صدارت ۾ فوجي قوت، اولهه ارين جي آزاديءَ ۽ ملائيشيا جي مخالفت مهل سندس مُلڪ ۽ پاڪستان جي پُنيرائي لاءِ اينديي هئي. جڏهن 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ جنگ لڳي، تڏهن سوهارتو جنتا جي سرڪار ۾ انڊونيشيا جي فوجي طاقت عوام خلاف ٿي پيئي هئي: انڊونيشيائي نؤجوانن، ملڪي صحافين ۽ دانشورن خلاف به جنرل هارتونو ڏارسونو سچائين ۾ ويساهه رکندڙ جنرل ۽ ناميارو سياستدان هو. تنهن هڪ مهيني ۾ انڊونيشيا ۾ ٿيل وڳوڙن جي سببن بابت ڳالهايو، هن چيو ته "مُک سبب آهن. اڳواڻن جي معاشي پاليسيءَ ڏانهن بي اطمينانيءَ، جيڪا پڻ قومي مجموعي پيداوار سان جُڙيل آهي، ۽ اُن ۾ اهو نه سوچيو ويو آهي ته ناڻي جي ورڇ هڪجهڙائپ سان ٿئي. اُتي اچڻ خرابي ۽ رشوت آهي ۽ جمهوريت جي کوٽ آهي. جنهن طرح تازو فوجن ورتاءُ ڏيکاريو آهي، تنهن بابت آئون ڏاڍي اُلڪڻ ۾ آهيان. فوجن جو هٿين خاليءَ شاگردن مٿان ٿيل تازو حملو پڌري پٽ سختيءَ واري پاليسيءَ جو نتيجو آهي. فوجَ چوي ٿي ته اُهي عوام مان ۽ عوام لاءِ آهن، پر سندن اُهو عمل فوجَ کي عوام کان پري ڪندو ۽ منجهن فوجَ خلاف ڌِڪار ٿيندو."

سماجواد سوئيڪارنو جي زوال ۽ سوهارتو جي سرڪار جون واڳون وٺڻ سان، جيڪو آزاد خيال ۽ پرڏيهي سيڙپ جي حق ۾ هو ۽ سندس ويچار ۾ پرڏيهي ناڻو انڊونيشيا ۾ پلٽي پوندو، پر سوهارتو جي ٻارهن ورهين جي سرڪار کان پوءِ صورتحال هي آهي، ته پرڏيهي سيڙپڪار انڊونيشيا بجاءِ اُن کان ٻاهر نظرون رکيو ويٺا آهن. اها شڪايت هڪ پرڏيهي بينڪار جڪارتا ۾ ڪئي. هن چيو: "انڊونيشيا ۾ ڪوبه تحفظ نه آهي. آئون پرڏيهي سيڙپ بابت گهڻو مايوس آهيان، ۽ پاڻُ ملڪ بابت به."

سوئيڪارنو جي وقت ۾ جيڪو به هو تنهن کان وڌيڪ هاڻي رشوت ۽ خرابي، بيروزگاري آهي، ماڻهن ۾ ڪاوڙ آهي، ۽ ناڻي جي ڦهلاءَ تي ضابطي، قومي مجموعي پيداوار کي وڌائڻ جي وڏين ڀٽاڪن هوندي به زراعت ۽ ڪارخانن جي اُپت ۾ واڌ نه ٿي آهي. معيشت وڏيءَ گڙٻڙ ۾ ورتل آهي. شاگردن جو مزاج ڪاوڙيل آهي. دانشور نراس آهن، عوام پنهنجيءَ

فوجَ کي ڌڪارڻ لڳو آهي. اڳي اوڄ تي پهتل فوجي سُجاڻپ گهٽجي پئي. سياسي ۽ معاشي ڪاوڙ ڪنهن بہ گهڙيءَ ۾ هڪدم بغاوت ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي. ساماياواد انڊونيشيا ۾ سگهارو ٿي چڪو آهي، جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن بہ نہ هو.

مونکي ذاتي طرح سوهارتو لاءِ ناپسنديدگيءَ نہ آهي. اپريل 1966ع ۾ جڏهن آئون صدر سوئيڪارنو جو مهمان هيس، تڏهن مون آدم ملڪ جي چوڻ تي سوئيڪارنو کي مڃائڻ لاءِ واجبي ڪردار نڀايو هو تہ هو انڊونيشيا جي ڀلائيءَ ۾ جنرل سوهارتو سان ڪُلي مخالفت ۾ نہ اچي ۽ بيو پيرو رتوڇاڻ کان بچي. صدر سوئيڪارنو منجهند جي دعوت تي مونکي ٻڌايو تہ آئون ٿي ڪيس مڃائي ٿي سگهيس، جنهن کان پوءِ هُن پنهنجو ذهن بدلايو. دعوت کان پوءِ آدم ملڪ مونکي ٻڌايو تہ انڊونيشيا جا ماڻهو سدائين منهنجا ٿورائتا رهندا. جو مون سوئيڪارنو کي مڃايو تہ هو پنهنجيءَ سوچ بدلائي، ٻي صورت ۾ گهڻي رتوڇاڻ ٿئي ها.

مون اهو سڀ نيڪ نيتيءَ سان ڪيو هو پر هينئر انڊونيشيا ۾ جيڪا حالت آهي، سا ٺيڪ نہ آهي. فوجي جنتا دنيا جي شاهوڪار ملڪ کي ڪنڌر بڻائي ڇڏيو آهي. انڊونيشيا ۽ پاڪستان جي حالتن ۾ بلڪل هڪجهڙائپ آهي. فرق رڳو ايترو آهي تہ پاڪستان دنيا جو پوئتي پيل غريب ملڪ آهي. جيڪڏهن ٻارهن ورهين ۾ دنيا جي شاهوڪار ملڪ مان هڪ کي فوجي جنتا تباهہ ڪري سگهي ٿي، تہ توهان کي اهو سوچڻ ۾ ڪابہ ڏکيائي نہ ٿيندي تہ غريب ملڪن مان ڪنهن ملڪ سان، فوجي جنتا هڪ سال ۾ ڇا نٿي ڪري سگهي ٿي.

انڊونيشيا ۽ پاڪستان ٻئي ايشيا ۾ ۽ مسلمان ملڪ آهن. ٻنهي ملڪن تي فوجي جنتا حڪمراني ڪئي آهي. ٻنهي ملڪن ۾ فوجي جنتا مشهور اڳواڻن کي سرڪار تان هٽايو آهي. ٻئي مشهور اڳواڻ ظاهري طور چائنا ڏانهن جهڪاءُ رکندڙ سماجواد مشهور هئا. ٻئي عوامي طاقتن ۾ ڀروسو رکندا هئا، ۽ پنهنجن ملڪن جي سُڏاريءَ ۾ ڀروسو رکندا هئا. جنهنڪري مون هتي انڊونيشيا تي گهڻو لکيو آهي، جنهن جو مقصد صدر

سوهارتو کي ڏوهي ڪوئڻ نہ آهي. سوئيڪارنو جي انن ورهين جي موت کان پوءِ سوهارتو مجبور ٿي پيو تہ هو اُن ماڻهوءَ کي سُڃاڻي جنهن هُن جو تختو ڪڍيو. ڪيس حڪومت مان نيڪالي ڏني هئي. اهو انڊونيشيا جو سورمو هو. "ڇا فوجي جنتا مونکي بہ مارڻ گهُري ٿي، تہ جيئن منهنجي موت کان پوءِ ماڻهو مونکي سُڃاڻن ۽ مهانَ سمجهن."

فرقيوار قومپرستي ملائيشيا ۾ وڏيڪ ڳنڀير آهي، پر ملائيشيا ۾ اهڙا سياسي اُپاءَ ڪنيا پيا وڃن، تہ جيئن مٿن ضابطو آندو وڃي. هاڻي اسان هندستان ڏانهن ايندا سين. هندستان ۾ وفاق انيڪ ڳالهين سبب جُڙيل ۽ ڳنڍيل آهي. هتي اتحاد جو مسئلو ايڪتا پٽاندر 1952ع واري آئين ذريعي وفاق جي فيصلي ۾ موجود آهي. شريمتي اندرا گانڌي 1975ع ۾ ڙڳو ڪجھ وقت لاءِ هنگامي حالتون لاڳون ڪيون هيون، نہ تہ هندستان جمهوري سرڪار پٽاندر هلندو رهيو آهي، جنهن ۾ وڌ ۾ وڌ ماڻهن جي ڀائيواري رهي آهي. اڪثر صوبائي خودمختياريءَ کي مڃيو وڃي ٿو.

فوجَ اڄ ڏينهن تائين پاڻُ کي هندستان جي سياست ۾ ڪونہ ٹنبيو آهي. هندستان جا سياستدان اُن حساس مسئلي بابت گهڻو ڏاها آهن. هندستان جي هيٺين طبقي وارو عوام خاص ڪري هندو علائقائي قومپرستيءَ لاءِ عزت رکي ٿو. گانڌي اهو سمجهيو هو تہ جيڪڏهن مسلمانن کي هندستان مان تڙيو وڃي تہ اسلام ٻين ملڪن ۾ موجود رهندو پر جيڪر هندو هندستان مان ختم ٿي ويا تہ پوءِ هندومت ناس ٿي ويندو. هندستان جي اتحاد جو جياپو هندومت ۽ خودمختياريءَ سان لاڳاپيل آهي. هندن جو اهو مذهبي فرض آهي تہ اُهي هندستان کي متحد رکن. هندومت جو وشش آهي: قرباني ڌرتيءَ ماتا جي پوتر جذبن مان ڦٽي نڪري ٿي. هي هندومت جو نظريو آهي، جنهن ۾ قربانيءَ کي اُتم ۽ پوتر سمجهيو وڃي ٿو.

هندستان جو اتحاد ڪيئي وڏن ۽ ننڍين صوبن جي وجود تي آڌاريل آهي. هڪڙو صوبو ٻئي صوبي تي پنهنجو پاڇو نٿو وجهي، ۽ نہ ئي فوج،

سرڪاري نوڪرين، يا معيشت ۾، هڪ صوبي جي ٻئي صوبي مٿان ڪا هڪهٽي آهي. 1947ع کان 1971ع تائين هندستان جي اتحاد کي سگهارو ۽ برقرار رکڻ لاءِ اهو جُڙتو نظريو مُهم طور هلايو ويو ته. هندستان کي پاڪستان مان جوکو آهي. 1962ع ڌاري اُهو به اُن ۾ شامل ڪيو ويو ته. هاڻي چين جو خطرو هندستان جي اتحاد لاءِ للڪار آهي. 1977ع کان پوءِ هندستان جي اتحاد جي مضبوطيءَ جي واڻ ئي اها هئي ته. هندستاني شاونزم کي ڪتب آندو ويجي. ننڍي کند ۾ نيوڪليائي طاقت جي دعوي ڪنديءَ ۽ غالب پوڻ جي قوت رکڻ جي سوچ اُڀاريءَ هندستاني شاونزم کي ڪتب آڻجي. هندستاني اڳواڻ اهڙي ڪوشش ڪن پيا ته جيئن اهڙو پرچار ڪيو وڃي ته 'پاڪستان ناڪام ٿي چُڪو آهي.' اُهي هندستاني جمهوريت کي پاڪستان جي فوجي حڪومت سان پيٽائي ڪاري ۽ اڇي پس منظر ۾ ڏسن ٿا.

انهن سڀني ڪوتاهين جي هوندي به هندستان خاص حد تائين معاشي ترقي ڪئي آهي. اُهو اناج ۾ پاڻيرو ٿيو آهي، ۽ اُهي ڪي غريباڻيون ڪارستانيون نه آهن. پر انهن سڀني سوين هوندي به آئون اجا به ايئن چوندس ته. هندستان جي اتحاد کي جيڪو جوکو آهي، سو ترقيءَ ڏانهن ڪنيل مؤثر وڏين وِکن، ۽ نه جهٽلائڻ جهڙي قابليت ماڻيندي به الوپ نه ٿيو آهي. هندستان جي هاڻوڪي وحدت کي جوکو هڪڙ هڪ سچائي آهي. اندروني طرح ڪا شيءِ آهي، جيڪا ڳري ۽ سڙي پئي، ۽ اها سوپاري ۽ ناڪام به ٿي سگهي ٿي. اُن جا نتيجا ۽ حاصلات ڪيئي نُقطن تي آڌاريل آهن، ۽ اُن ۾ پڇاڙيءَ ۾ سڀ کان مُک آهي پاڪستان جو مستقبل. اهو هندستاني عوام ۽ سندن اڳواڻن تي آڌاري ٿو. اُهو آڌاري ٿو ته. علائقي ۾ ڪهڙيون تبديليون ٿين ٿيون ۽ وڏين طاقتن جو ڪردار ڪهڙو آهي. ٽُڪرن ۾ ورهائجڻ جو لاڙو موجود آهي. ڪجهه حصن ۾ اُهي لاڙا وڌيڪ تيز ٿي چُڪا آهن.

هندستان جي وحدت غالب رهنديءَ يا وري فرقيوار قومپرستي نيٺ سوپاري ٿينديءَ سو هڪ ڪُليل سوال آهي. اُن ۾ ڪيئي عنصرن جو

ميڙاڪو شامل آهي. هندستان ۾ پانت پانت جا رنگ هڪ عجيب اسرار ۾ ٻڌل آهن. هنن جا انيڪ ديوتا هڪ مندر جي ڇت هيٺان رهي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن مندر گهڻو ننڍو هجي ته. هندستان جي هڪ آڪاش هيٺان هي پاڻ ۾ ٽڪرائجي پيا ته. اُهي هندستان کي پاءُ پاءُ جي رَت جي راند ۾ بوڙي ڇڏيندا. جنهن جو جواهر لال نهروءَ کي سدائين ڊپ رهندو هو ڇوته اهو هندستان جو آدرش هو. تنهنڪري هندستان جي اڳواڻن کي جديد ذريعا ملبل آهن ته. اُهي انهيءَ آدرش کي بدلائين. پر جنهن آدرش جون پاڙون پاتال ۾ کُتل هجن. ۽ اشوڪ جي وقت کان هڪ ڦُلڪاريءَ جيان ڌسڻ ۾ اچي. تنهن ۾ اچا ايتري لچڪ آهي. جو جديد وسيلن جي کُلي مخالفت ڪري سگهي. ڇا پاڪستان اُن عمل کي تيز ڪندو جنهن ۾ مذهب ۽ نسلن جو مُرڪب آهي؟

هيءُ پاڪستان بابت خط نه آهي. جو جيڪر ايئن هجي ها ته. پوءِ آئون شايد ننڍو ڪتاب لکان ها. پاڪستاني تاريخ تي مٿاڇري نهار' پر وقت اُن ڳالهه جي موڪل نٿو ڏئي. قوم خراب. ٻچڙي ۽ نازڪ گهڙيءَ ۾ ڦاٿل آهي. ۽ ٻــ واٽي تي بيٺل آهي. هن جي هڪڙي پاسي جياپو آهي. ته وري ٻئي پاسي ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ. پاڪستان جي ٺهڻ کان هڪٻئي پُٺيان ايندڙ ڏکين وقتن ۾ تيزيءَ سان واڌ پئي اچي. هي ملڪ ٺاهڻ لاءِ لکين ماڻهن جانيون نڇاور ڪيون. ڇيو وڃي ٿو ته. پاڪستان علاما اقبال جو سَپنو هو جنهن کي محمد علي جناح ساڀيانُ ڏنو. ڇا اُن سپني ۾ ڪا وِڏ هئي. يا منجهس ڪا کوٽ هئي. جنهن اُن سپني کي سچائيءَ جو رُوپ ڏنو؟ ماڻهن جا ويچار مختلف آهن. ۽ اُهي مختلف رهندا به ايندڙ ڪجهه ورهيه شايد اُن مسئلي بابت ڪو فيصلو ڪن. شايد هڪ پيرو ۽ سدائين لاءِ. پر اُهو سڀُ رتوڇاڻ کانسواءِ ممڪن نه آهي. اهو طريقيڪار اٽَر نه آهي. پر هينئر سرڪار ۾ وينل فوجَ جون حِڪمت عمليون هن مُلڪ کي اهڙي افسوسناڪ رستي ڏانهن وٺي پيون وڃن. جيڪو اُوس ٿيڻو آهي.

عوامي جمهوريه چين جي نائب وزيراعظم ڊينگ زيائو پنگ 9 جون

1978ع تي پُڌايو تہ انسانيت تين مهاڀاريءُ جنگ جي ڪنڌيءُ تي اچي بيٺي آهي. جيڪڏهن اُها ڏيڄاريندڙ آهوتي اچي ٿي تہ پاڪستان جو مُستقبل بہ باقيءُ دُنيا جيان ٿيندو.

محمد علي جناح کي ڪنهن وقت هندو_ مُسلمان اتحاد جو سفير سمجهيو ويندو هو. پوءِ سياست ۽ معيشت تي غلبو رکندڙ جَتاٽي هندو قوميت جا آثار ڏسي، محمد علي جناح، اقبال جي سپني جي تعبير لاءِ غيررواجي عزم سان پنهنجي سوچ بدلائي. پاڪستان ٺاهڻ لاءِ رُڪاوٽون ڪنهن آپار جبل جي چوٽين جيان هيون. اُهي رُڪاوٽون هندستان جي ڪانگريس ۽ قومپرست مسلمانن طرفان هيون، جن ۾ مولانا مودودي ۽ جماعت اسلامي بہ هئي. مهاتما گانڌيءُ اهو اعلان ڪيو تہ هُو هندستان جا ٽُڪرا ٽُڪرا ٿيڻ ڪڏهن بہ نہ ميجيندو.

مسلمان گهڻائيءُ وارن صوبن مان جيڪي رُڪاوٽون سامهون آيون، تن ۾ صوبي ۾ ڪانگريس جي مستقل مفادن جو اڳواڻ ۽ پنجاب جو وڏو وزير خضر حيات ٽِوانا. بنگال مان اُها رُڪاوٽ اڏول سياستدان فضل حق کان ٿي، جنهن کي شير بنگال سڏيو ويجي ٿو. الميو اهو آهي تہ اسان جي سياست ڪيترائي شينهن ٺاهيا آهن، پر جڏهن پرک جي مهل آئي آهي تہ اُهي ٻِليون ۽ گدڙ بڻجي ويا آهن. سنڌ ۾ مخالفت الله بخش سومري طرفان ٿي، جنهن کي 1943ع ۾ قتل ڪيو ويو ۽ سائين جي. ايم. سيد اُن جو پاسو ڪنيو. سرحد صوبي ۾ اُن مخالفت جي اڳواڻي عبدالغفار خان ڪئي، جنهن کي سرحدي گانڌي سڏيو ويجي ٿو. ايتري قدر مُستقبل ۾ سرحد صوبي کي ڪنهن سان ڳنڍڻ لاءِ فيصلي خاطر ريفرينڊم ڪرايو ويو. بلوچستان جا ڪيترائي اثرائتا اڳواڻ پاڪستان جي حق ۾ نہ هئا، جنهن لاءِ شاهي جرڳو ويهاريو ويو تہ اُن مسئلي جو فيصلو ڪيو ويجي، جنهن کي گهڻي ڳنڀيرتا سان ويچارڻ ۽ ڪم جي گهُرج هئي. جموں ۽ ڪشمير جي رياست ۾ شيخ محمد عبدالله بہ قومي نظريي خلاف هو. پوءِ پاڪستان ڪيئن نهيو؟ چوتہ اُهو عوام چاهيو ٿي تہ پاڪستان ٺهي. مسلمان محمد علي جناح تي ڀروسو ڪري سندس پُٺيان لڳا. ۽ پنهنجن

ورهين جي رُڪاوٽ ڪانپوءِ هڪ ڀيرو جڏهن ٻوڏ وارا دروازا کوليا، تہ ڪو اهڙو ماڻهو نہ هو جيڪو ڪنهن ڏچي ڪانسواءِ کين بند ڪري سگهي. مجيب الرحمان چاتو تہ هاڻي جيڪو بہ ٿيو سو گهٽو ٿيو. هن ڇهن نُقطن جي منشور تي مهم هلائي، جنهن جي معنيٰ هئي الحاقي قسم جي خودمختياري. اُن اعلان جي چٽاڀيٽيءَ ۾ هُن اوڀر پاڪستان ۾ چونڊون کٽيون. اسان جي پارٽيءَ سنڌ ۽ پنجاب ۾ گهڻائيءَ ۽ اڪثريت سان کٽيو. اسان مجيب الرحمان کي بلڪل چِٽو ٻُڌايو تہ اسان نہ رڳو مخالف ڌر ۾ ويهڻ سان خوش ٿينداسين، پر عزت ڀانئينداسين، پر ملڪ جي وفاقي روپ ۾. جيڪڏهن اهو رياست جو الحاق ٿيندو تہ ملڪ جي ٻنهي حصن جي الحاقي رياستن کي حڪومت ۾ حصو وٺڻو پوندو. اها بلڪل سادي رِٿ هئي، جنهن ۾ هڪ ٻئي تي چڙهت جو ڪو امڪان ئي نہ هو.

جيڪڏهن مجيب الرحمان پنهنجن ڇهن نُقطن تي ايترو ئاهہ ڪري ها تہ ملڪ جي وفاقي صورت برقرار رکي، اسان هُن کي ڀليڪار چئون ها. تہ هو وفاقي ۾ حڪومت ئاهي. پر هُو هڪ انچ بہ نہ چُريو ۽ هن عهد ڪيو تہ هو رياستن جي الحاق کي جنم ڏيندو. پر هي اهڙن الحاقي رياستن ۾ حڪومت نہ پيو ڪري سگهي، جنهن ۾ ملڪ جي ٻئي حصي جي اڪثريتي پارٽيءَ کي ٻاهر ڪڍي ڦِٽو ڪجي. هن نيٺ چيو تہ هو ڇهن نُقطن تان هڪ انچ بہ پوئتي نہ هٽندو. هُن جو ورتاءُ هيو تہ ملڪ ڪٽويا وري پچر چڙيو. تنهن وقت ڳالهين ۾ پُنجو آيو ۽ ڳالهيون ناڪام ٿي چڪيون هيون.

جنرل يحيٰ خان سوچيو تہ ڳالهين ۾ رنڊڪ سبب هن کي زندگيءَ ۾ ڀلوڙ وجهہ مليو آهي تہ هو پنهنجي زندگيءَ جي يادگيري سدائين قائم رکي. هن اهو سوچي ڳالهين جي رُڪاوٽ ٽوڙڻ لاءِ فوجي ڪارروائي شروع ڪئي. هُن جو اُهو فوجي ڪارروائي ڪنهن بہ سياسي سمجهہ ۽ سوچ ۽ ڀُنيرائيءَ کان وانجهيل هئي، جنهنڪري هندستان کي نومبر 1971ع ۾ بهانو مليو تہ هو اوڀر پاڪستان تي پنهنجون فوجون چاڙهي.

ڍاڪا 16 ڊسمبر 1971ع ڌاري هندستاني فوجن جي قبضي ۾ هليو ويو. گڏوگڏ اولهہ پاڪستان جا نوي هزار جنگي قيدي بہ سندن قيدي بڻجي

هرڪائيندڙ پنيلائيندڙ منصوبا ٺاهي موڪليا ويا. ته اُهي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ ۾ شامل ٿين يا وري اُن سان سهڪار ڪن. اهڙي قسم جي آڇ سرحد جي آزاد اميدوارن طرفان لڳاتار ايندي رهي. اوائل ۾ آئون ڊِڪار سان انهن آڇن ۽ وينتين کي ڊِڪاريندو هيس. تنهنڪري مون پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ کي ٻڌايو ته "اُهي آزاد اميدوار ٽِرڪڻا ماڻهو آهن. ۽ اُهي اپرندڙ سج جا پوڄاري آهن. نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام نيٺ هڪ ٻئي سان سهڪار ڪري يڪراءِ ٿي هڪ آئين ٺاهڻ لاءِ تيار ٿيندين. جيڪڏهن سهڪار نه ڪنديون. ته پوءِ گهٽ ۾ گهٽ اُن کي مڃينديون ضرور. مونکي ڪيترائي ڏيهي ۽ پرڏيهي مسئلا آهن. جن کي سُلجهائڻ لاءِ ۽ سرحد ۽ بلوچستان جي آزاد اميدوارن جي طاقتور پٺڀرائيءَ سان. ڪمزور حڪومتن کي هلائڻ لاءِ پنهجن توانائين کي موڙڻو پوندو." انهن سببن خاطر منهنجو مقصد هو ته نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي مدد ڪجي. ته جيئن اُهي سرحد ۽ بلوچستان ۾ حڪومت ٺاهي سگهن. هڪ ڀيرو جيڪڏهن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام احتجاجي سياست بجاءِ ذميوارين جي دائري ۾ اچي وڃن. ته اُن سان منهنجي مٿي جو سُور گهٽجي ويندو. مون انوکو ۽ غيرواجبي اُپاءُ ورتو ۽ سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا گورنر رکيا. ته جيئن نيشنل عوامي پارٽي ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي لڏندڙ ٻڌي کي سگهارو ڪري سگهجي. ۽ آزاد اميدوارن جي پارليامينٽري سازشن جي شهه کي مات ڏيئي سگهجي.

نيشنل عوامي پارٽيءَ لاءِ اهڙي جرئتمند نيڪ نيتيءَ تي ٻڌل اشاري لاءِ ٻيا به ڪيترائي سبب هئا. منهنجي پارٽيءَ ۾ سياستدان يا ٻين پارٽين ۾ خاص ڪري قيوم خان جي مسلم ليگ منهنجي اُن رمز سبب هيسجي ويا. انهن سمجهيو ته هاڻي پُڄاڻي ويجهي آهي. نه رڳو سياستدان پر اسان جي سماج جا ٻيا به اثر ۽ اختيار رکندڙ ۽ طاقتور طبقا پريشان ٿي ويا. نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پاڪستان لاءِ ڏکيي مخالفت جو آڻ مِٽ ريڪارڊ

هو. انهن جي اڳواڻن پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هر ايندڙ حڪومت هٿان ڪيترائي ورهيه جيل ۾ گهاريا هئا. يحييٰ خان نيشنل عوامي پارٽيءَ کي بيوقوف بنائڻ سان مارشل لا لڳايو هو. پنهنجي زوال کان ڪجهه مهينا اڳ پارٽيءَ تي پابندي وجهي ڇڏي هئي، تنهن وقت مون هڪدم صدر پاڪستان جا اختيار ورتا ۽ مون ڪنهن شرط بنا نيشنل عوامي پارٽيءَ تان پابندي ختم ڪئي ۽ هاڻي مون سرحد ۽ بلوچستان ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا گورنر رکيا، غيررواجي اُپاءُ پئي ڪنيو ۽ سندن مدد پئي ڪئي، ته اُهي ٻن صوبن ۾ جمعيت علماءِ اسلام جي شرڪت سان گڏيل حڪومت ٺاهين.

اهڙا ڪيترائي وائيٽ پيپر، دستاوز ۽ پاڪستان سُپريم ڪورٽ جي ججن جا فيصلا آهن، جيڪي نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اُن دؤر تي اِتهاس لکڻ ۾ يادگار آهن. ايترو چوڻ صحيح آهي ته مون مُفيد ڪوششون ورتيون ته نيشنل عوامي پارٽيءَ ڏانهن سهڪار جو هٿ وڌايو وڃي، جيڪو پاڪستان جي ٻن ٽُڪرن ٿيڻ کان پوءِ پاڪستان جي جهجهي مفاد وٽان هو. اُهو مصلحت جو نه پر پاليسيءَ جو مسئلو هو مون وٽ اُن ڪيترائي سبب هئا. پر منجهانئن ڪوبه ذاتي ۽ لوڀي نه هو. طرفداريءَ تي ٻڌل ڪوبه سبب نه هو. منهنجا سبب پاڪستان ۽ علائقي جي مهان مفادن وٽان هئا. اُها اُتم سوچ هئي. آئون پاڪستان کي هڪ پيرو وري ٻيهر وجهه ڏيڻ تي چاهيو. مون صاف سُٿري ڦرهيءَ سان ابتدا پئي چاهي.

اِهو چوڻ اجايو ۽ سوال پُڇڻ بيهودگي آهي ته مون نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ جمعيت علماءِ اسلام جي حڪومتن کي سرحد ۽ بلوچستان ۾ ڀاهيو ۽ انهن ٻنهي صوبن ۾ پنهنجي پارٽيءَ جون حڪومت ٺاهڻ پئي چاهيون. جيڪڏهن منهنجو اهو مقصد هجي ها ته آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ جمعيت علماءِ اسلام کي ٻنهي صوبن ۾ حڪومت ٺاهڻ ۾ پنهنجي رستي تان هٽي مدد نه ڪيان ها ۽ آئون پنهنجي مٿي تي عوام جي مختلف طبقن جو گهانگهو ڳچيءَ ۾ نه وجهان ها. آئون ٻن اسيمبلين جي آزاد اميدوارن کي مات نه ڏيان ها، جيڪي وفاقي حڪومت جي

بلوچستان ۾ قبائلي جوڙجڪ سبب نيشنل عوامي پارٽي اُنهن علائقن ۾ طاقتور هئي، جتي قبائلي سردارن جو اثر هو: اُهو خاص ڪري مري- بُگٽي علائقو هو ۽ مينگلن جو جهالاوان وارو علائقو هو ۽ ساراوان جي ڪجهه علائقن ۾ پڻ نيشنل عوامي پارٽي جي سُٺي پوئواري هئي. لسبيلي، سبيءُ، ڪڇيءُ وغيره ۾ ۽ پختون علائقن ۾ انهن جو نہ هئڻ جيترو اثر هو.

ڪوئيٽا ۾ نيشنل عوامي پارٽيءُ پڻ اثر ۽ اختيار کان وانجهيل هئي، ڇوتہ اُهو اثر ۽ اختيارَ ٻاهرين رهندڙن سبب گهٽجي ويو هو. هزارا ۽ ٻين قبيلن جي مختلف فرقن جي پارلياماني جمهوريت جيٰ جوڙَ ۾ نيشنل عوامي پارٽي جي ڪا خاص اهميت نہ هئي. مسئلو هوندن بہ گهڻ طرفو هو. نيشنل عوامي پارٽي جا اڳواڻ ڏاها ۽ اربيل هئا، خاص ڪري بلوچ. منهنجي ايماندار ۽ آزاد نظرئي موجب نيشنل عوامي پارٽيءَ جو صدر پختون جوانمرد. متئين درجي جو گهڻا ووٽ کٽندڙ سياستدان آهي. بيشڪ هي ڏاهو آهي، پر بيمارپٽي جي حد تائين پنهنجن ويچارن وارو آهي. هُن جي پنهنجي سياءُ سبب يا سندس پنهنجي ذاتي ويچارن سبب هُن ۾ اهڙو لاڙو هو جو هو هڪڙي جهٽڪي ۾ اُڏامڻ لڳي ۽ نقصان ڪرڻ لڳي، ۽ وڏيون غلطيون ڪرڻ لڳي. موتمار قسم جو غلط اندازو لڳائي، هي هلڪڙائپ بہ ڪري سگهي ٿو. اڪبر بگٽيءُ ڪانسواءِ ٻيا بلوچي اڳواڻ گهٽ اڇرج ۾ وجهندڙ آهن. پر گهڻا جوشيلا آهن. نيشنل عوامي پارٽيءُ جي مشهوري جو بنياد سندس اڳواڻن جي قابليت تي يا وري سندس اهميت اُن نظريي ۾ آهي، جنهن ۾ فرقيوار قومپرستيءُ ڏانهن مقناطيسي ڇڪ هئي، خاص ڪري نوجوان نسل لاءِ. اهو نظرياتي تت هو جنهن سان نيٺ مونکي تضاد ۾ اڇڻو پيو. مون چاتو ٿي تہ اُن جو قومي اتحاد، پارڻ جمهوريت ۽ اسان جي سياست تي اثر پوندو. انهن سببن خاطر مون نيشنل عوامي پارٽيءُ کي تاريخي ناٽڪ لاءِ ريجهايو پئي. مون اهو پئي ڪرڻ چاهيو. جيڪو الدومورو اٽليءُ لاءِ ڪرڻ پئي گهُريو. مون انهن کي پاڪستان جي ٻنڌڻ ۾ ٻڌڻ پئي چاهيو.

پر نيشنل عوامي پارٽيءُ جي اڳواڻن بہ مون جيان پنهنجا اندازا

سوچيا ويچاريا هئا: انهن پاڪستان جو اينريڪو بيلينيئرز ٽيڻ نہ پئي چاهيو. ڍاڪا جي زوال ۽ افغانستان ۾ سردار محمد دائود جي حڪومت ۾ اچڻ سان اهڙيون حالتون پڌريون ٿيون. جو نيشنل عوامي پارٽيءَ جا اڳواڻ اهو سمجهڻ لڳا تہ هاڻي سندن آخري وقت اچي ويو آهي. واقعا تيزيءَ سان مٿي چڙهڻ لڳا ۽ نيٺ آئون سندن شوخي ۽ ويڙهاڪ مقابلي جي موٽ ۾ بلوچستان جي صوبائي حڪومت کي ڊاهڻ تي مجبور ٿيس.

مون آئين ۾ مقرر گُنجائش موجب بلوچستان صوبي ۾ صدارتي راڄ لاڳو ڪيو ۽ اڪبر بُگٽيءَ کي بلوچستان جو گورنر مقرر ڪيو. اڪبر بگٽي منهنجي پارٽيءَ جو ميمبر نہ هو ۽ نہ هو منهنجي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. هاڻي هو جنهن جماعت ۾ آهي، سا جهڙي آهي تهڙي نہ آهي. منهنجو مقصد جيتوڻيڪ بلوچستان تائين محدود هو پر سرحد جي وڏي وزير مُفتي محمود احتجاج ۾ ۽ وڌيڪ دٻ ۾ استعيفيٰ ڏيئي ڇڏي، تہ متان آئون هُن کي نہ هٽائي ڇڏيان. اونداهن دڙڪن داٻ وارن ڪڪرن جي ڇٽجڻ کان پوءِ بلوچستان ۾ بغاوت جو خاتمو ڏکيو ڪم هو. اُن کي ٽوڙڻ ۾ ٽي ٽڪائيندڙ ورهيہ لڳا. اُن کان بچڻ ڏکيو هو. مون بغاوت کي پُنجي ڏيڻ لاءِ فوج کي ملوث ڪرڻ تي سوچيو پر فوج جو ڪردار وڌندو ويو نيٺ اُن جا اثر شهري ادارن تائين وڃي پهتا.

بهرحال، آئون جيڪڏهن فوجي ڪارروائيءَ سميت جهجهي مقدار ۾ سياسي ۽ سماجي معيشت جي علاج طور بلوچستان ۾ اُپاءُ نہ وٺان ها، تہ فوجي ڪارروائي سوڀاري نہ ٿئي ٿي. منهنجو مقصد منهنجا بنيادي سُڌارا زرعي ڪيتر لاءِ هئا. جنهن ۾ سرداري نظام کي ختم ڪرڻو هو. روڊن ۽ عمارتون اڏڻيون هيون. ڳوٺن کي بجليءَ سان روشن ڪرڻو هو. ٽيوب ويلن ذريعي ٻنين ۾ پاڻي پهچائڻ ۽ منجهن ٽريڪٽرن جي هلڻ جي گُونج هئي. ۽ پيا گهڻ پاسان فائدا هئا. مون غربت ۾ ڦاٿل بلوچستاني ماڻهن جي سوچن کي هٿيڪو ڪيو. آئون اُن ۾ ڪو وڌاءُ نٿو ڪريان. يا پنهنجيءَ ذات کي نٿو واڪاڻيان. پر آئون اها دعويٰ تہ ڪريان، تہ مون سُتل بلوچستان

کي هٿن کان جهلي جاڳايو ۽ کيس ايترو قابل بڻايو جو اهو ويهين صديءَ ۾ پير پائي سگهي، جيڪو باقي سڄي پاڪستان اڳ ۾ پائي چُڪو آهي.

ٻن موقعن تي مون فوجَ کي گهُربل وقت پوري ٿيڻ بعد بلوچستان مان ٻاهر ڪڍڻ جو فيصلو ڪيو پر ٻنهي موقعن تي فوجَ جي هاٽوڪي چيف آف آرمي اسٽاف اها وڪالت ڪئي تہ پچاڙڪو پيرو ڪين مُهلت ڏني وڃي، تہ هو بچيل نقصان کي پُنجو ڏئي. اُن سلسلي جي خاتمي بجاءِ هو وڌيڪ اجازت گهُري پيو. جڏهن جنرل ٽِڪا خان چيف آف آرمي اسٽاف هو تہ اهڙو ڪوبہ مسئلو سامهون نہ هو پر هاٽوڪي چيف آف آرمي اسٽاف جيان هو انتظامي ۽ سياسي مشورا نہ ڏيندو هو. جنرل ٽِڪا خان پنهنجون ذميواريون فوج تائين محدود رکندو هو ۽ غيرفوجي مسئلن ۾ پنهنجيءَ ٽنگ نہ ڦاسائيندو هو. پر جڏهن ڪجهہ ماڻهو حيدرآباد ٽربيونل جي چار ۾ ڦاسي پيا، تڏهن هي ماڻهو پريشان ٿي پيو. هي سدائين اها اجازت گهُرندو هو تہ هو افغانستان جي بغاوت پُنيان پوي. هي شهري ملازمن مٿان تنقيد ڪندو هو خاص ڪري بلوچستان جي آخري چيف سيڪريٽريءَ بابت. مون مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ جيئن بلوچستان مان فوجون واپس گهرائڻ جو فيصلو ڪيو تہ صورتحال مونکي اهڙو ٻڌائي ڇڏيو جو آئون هُن جي عجيب کل جهڙي حڪمت عمليءَ کي پوڳيان.

سرحد صوبي ۾ ڏڦيڙ ۽ گڙٻڙ هئي، پر ڪٿي بہ بلوچستان جهڙي حالت نہ هئي. هن صوبي ۾ تباهيءَ بمن جي ڌماڪن سان شروع ٿي. اسڪول ۽ بئنڪون خاص نشانو هئا. بدقسمتيءَ سان نوجوان حيات شيرپائو کي ڏکاري طريقي سان پشاور يونيورسٽيءَ ۾ بم ڌماڪي ۾ قتل ڪيو ويو. پر ٺرت مناسب وقت ۾ صورتحال ضابطي ۾ اچي ويئي.

هوڏانهن افغانستان ۾ صدر دائود باز جيان اسان جي بدلجندڙ حالتن تي اک رکيو ويٺو هو. هُن ڄاتو پئي تہ مون سرحد ۽ بلوچستان ۾ حالتن کي اثرائتي نموني مؤثر طريقي سان ضابطي ۾ آندو آهي. جڏهن هُن واقعي ايئن ڀانئيو تہ هاڻي حالتن تي منهنجو پُورو ضابطو آهي، تہ هُن قائل ٿيڻ

بعد مونکي ڪابل اچڻ جي دعوت ڏني، تہ پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ سياسي ڇڪتاڻ کي نبيريو وڃي، ڇوتہ هُو بين طريقن بابت سوچي ٿڪجي پيو هو. هُن کي پتو هو تہ مون نہ رڳو حالتن تي ضابطو آندو هو پر پرڏيهي هٿچُراند کي بہ حقيقي ۽ امڪاني طرح غير مؤثر بڻائي ڇڏيو هو. مون هُن جي ڳالهين واريءَ دعوت کي پاڻمرادو ايماندار موٽ ڏني. جڏهن مون 1976ع ۾ جُون مهيني جي پهرين هفتي ۾ افغانستان جي ڌرتيءَ تي قدم رکيو تہ افغانستان جي ڪِلمُڪ ۽ مُرڪندڙ صدر منهنجو آڌرڀاءُ ڪيو. هي اهو ماڻهو هو جنهن سرڪار ڌرڻ کان پوءِ پهرين تقرير ۾ گُجگوڙ ڪندي پاڪستان کي ڌمڪيون ڏنيون هيون. ڪابل ۾ ڳالهيون دوستاڻي ماحول ۾ ٿيون. صدر دائود چاهيو پئي تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيان، تہ جيئن سُٺي ماحول وارو وايومنڊل جُڙي ۽ اُن جا ڪارائتا اثر ٿين. افغانستان تڪراري ڊيورنڊ لائين کي مڃيندو. هن چيو تہ اهڙن سببن خاطر جيڪي آئون هن خط ۾ چاڻائڻ نٿو چاهيان، مون افغانستاني صدر کي ٻڌايو تہ پئڪيج معاهدي پٽاندر ٻنهي طرفن کي ساڳئي وقت اڳتي وڌڻو پوندو. مون هُن کي ٻڌايو تہ هڪجهڙائپ وارن لاڳاپن ۾ توازن تڏهن ئي ٿو جڏهن ڏي۔ وٺ تي ٻڌل ناهہ ساڳئيءَ وقت تي ٿئي. مون ساڻس وچن ڪيو تہ آئون نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي ڇڏيندس ۽ سندن خلاف تُهمتون واپس وٺندس. ساڳئي وقت هو بہ ڊيورنڊ لائين کي مڃي. اسان سُهمت ٿياسين تہ ڳالهيون هلنديون رهنديون، جيڪي پاڪستان ۾ آگسٽ 1976ع ۾ ٿينديون. منهنجي ڪابل ڇڏڻ کان اڳ هڪڙو گڏيل پڌرنامو نڪتو جنهن ۾ ٻڌايو ويو تہ ٻئي مُلڪ پنهنجا سياسي تڪرار پنجن نُقطن تي ٻڌل امن ۽ گڏيل بقا پٽاندر سُلجهائيندا.

جڏهن آگسٽ 1976ع ۾ صدر دائود پاڪستان ايندو تہ اهڙو معاهدو ساڳئيءَ وقت عمل ۾ ايندو. پاڪستاني حڪومت، نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي آزاد ڪندي ۽ سندن خلاف بغاوت جا الزام واپس وٺندي ۽ موٽ ۾ افغانستان حڪومت هاڻوڪين سرحدن جي ڊيورنڊ لائين کي مڃيندي، افغانستان ۽ پاڪستان جي وزيرن جي سربراهيءَ ۾ سفارتي

آفيس جي عملدارن هڪ فارمولو ٺاهيو جيڪو هنن لاهور ۾ آگسٽ ۾ لکيو. اُهو ٻنهي ڌرين مڃيو تہ 1976ع جي آڪٽوبر يا نومبر مهيني ۾ آئون ڪابل جو دؤرو ڪندس. تہ جيئن معاهدي پٽاندڙ ٺاهہ جي منطقي نتيجي تي پهچجي. ضلع ڊِير ۾ اپريل يا گهَرٻيل گهوٽالي سبب آئون 1976ع جي نومبر مهيني ۾ ڪابل وڃي نہ سگهيس. اهو پوءِ 6 جنوري 1977ع ڌاري نوابشاهہ ۾ منهنجي ۽ افغانستان جي مُبصر محترم نوراحمد اتماديءَ جي وچ ۾ ٿيو تہ منهنجو ڪابل جو دؤرو مارچ 1977ع جي پڇاڙيءَ ۾ ٿيندو جيڪو پاڪستان جي عام چونڊن جي هڪ يا ٻن هفتن بعد ٿيندو.

بهرحال، بلوچستان ۾ ڏڦيڙ ۽ 'بغاوت' جي اوڄ مهل بہ منهنجي دماغ ۾ اُهي ويچار ڦِريا پئي، تہ نيٽ سياسي نبيرو ٿئي. آئون حيدرآباد جيل ۾ ڪجهہ ذميوار امينن ذريعي بلوچي اڳواڻن سان رابطي ۾ هئس، جن وسيلي بلوچن ۽ منهنجي وچ ۾ گهٽي ويچارن جي ڏي- وٺ ٿي هئي. تڏهن لاهور ۾ 1976ع ۾ اُن نبيري کي لکيت ۾ آڻي مڪمل ڪيو ويو. آئون اُنهن لاڳاپان کي گهٽي اهميت ڏيڻ لڳس. بلوچ اڳواڻن سان ويچارن جي ڏي- وٺ گهٽي پيرائتي نموني ٿي هئي. نيشنل عوامي پارٽيءَ جي صدر سان بهار مُند ۾ منهنجي اجا ملاقات ٿي هئي، تہ 1977ع ۾ منهنجو 'ڪنپير' ڏيان وڳوڙن ڏانهن ڇڪجي ويو.

انهن جي زندگين جي بچاءَ جو انتظام اوَس ٿيڻ کپي ها. خون اجايو ۽ وڃائڻو نہ هو. اهو غيرحقيقي هو تہ اهڙن حالتن ڏانهن موٽجي، جيڪي جيئن جو تيئن بيٺل هيون. اهو ڀانئيندي تہ ٽن ورهين ۾ ڪجهہ بہ نہ ٿيو هو اهڙي اُميد رکڻ جي معنيٰ هئي تہ، بلوچن ڪنهن مقصد بنا قربانيون ڏنيون هيون. انهن جو مقصد ڪهڙو هو؟ مهانَ بلوچستان ۽ پختونستان! جيڪڏهن اهو مقصد هو تہ پوءِ اهو منهنجي سرڪار ۽ پاڪستاني عوام لاءِ مڃڻ جهڙو نہ هو. اسان گهُوماٽجي هڪٻئي آڏو اچي بيٺا هئاسين، تہ پاڪستان کي وڌيڪ ٽُڪرا ٿيڻ کان بچايو وڃي، ۽ نيٺ اسان سوڀارا ٿياسين. جيئن تہ انهن جي گهُر بلڪل مڃڻ جهڙي نہ هئي: نہ مون لاءِ ۽ نہ ئي پاڪستاني عوام لاءِ. اهو ايترو ٻيءَ ڌُر لاءِ ممڪن نہ هو تہ هو اهڙن

حالتن ڏانهن موٽن جيڪي جيئن جو تيئن هيون. قومپرستيءَ ۽ نيم فرقيوار قومپرستيءَ کي سرچاءِ ۾ رکي هلائڻ لاءِ ضروري هو ته اُن کي قومي اتحاد ۾ رکجي، پر عزت ۽ برابريءَ جي بنياد تي. جيڪو بلوچستان جي قومپرستيءَ وارين اُمنگن سان نهڪجندڙ هجي ۽ جيڪو بلوچستان جي بغاوت کي ڪُچلي يا منجهس ڏار وجهي. سادن لفظن ۾ اُن جو مطلب هو ته خودمختياريءَ جي مقدار ۾ واڌارو. ۽ اهو منهنجو ڪم هو ته آئون خودمختياريءَ جي وڌندڙ مقداوجي حد مقرر ڪيان. پر سيني ڌُرين سان يڪراءِ ٿي، جيئن 1973ع ۾ آئين لاءِ ماٺي ويئي هئي.

اُنهن ڳالهين جو منهنجي مٿان دٻاءُ هو جيڪي مون آمينن ذريعي بلوچ اڳواڻن سان ڪيون. اُن نازڪ مامري ۾ رُڳو هڪڙي امين کي پروسي ۾ ورتو ويو هو. منهنجو اُهو ايمان هو ته اُن جي گُنجائش وڏيڪ هئي ته سينيٽ کي وڌيڪ اختيارَ ڏنا وڃن ۽ اهڙي بہ گُنجائش هئي ته هڪ ٻن مسئلن کي وفاقي فهرست مان ڪڍي صوبائي لسٽ ڏانهن منتقل ڪيو وڃي. انهن مسئلن جي لسٽ کي گڏوگڏ رکي سگهجي ٿو. اُن مسئلي تي اسان پنهنجا دماغ کُليل رکون. خودمختياريءَ بابت هڪ نئون ناهه ڪرٽو پوندو جيڪو جمهوري انداز سان ڳالهين ذريعي ٿئي، جنهن ۾ ملڪ جا اصل اڳواڻ شامل هوندا.

مارچ 1977ع جي چونڊن کان پوءِ مون فيصلو ڪيو ته مسئلي جو سُلجهاءُ ڳالهين واريءَ ميز تي ٿئي. مون ڀانئيو ٿي ته منهنجي خلاف ۽ قومي سطح تي بلوچستان ۾ بغاوت ختم ٿي چڪي آهي. سرحد ۾ زوراٽتا ۽ ورلي ٿيندڙ واقعا نيٺ ختم ٿي ويا. امن جي صورتحال ۾ سُڌارو آيو ۽ منهنجي پرڏيهي پاليسيءَ سبب هر قسم جي جوکائتي پرڏيهي هٿچُراند (جهڙي تازو آفريڪا ۾ ڏسڻ ۾ آئي) ٿي نہ سگهي. لاهور ۾ آگسٽ 1976ع ۾ ٽيل افغانستان- پاڪستان ناهه انهن مثبت سوين لاءِ واٽ ناهي. هاڻي ميدان سِڌو هو ته دائمي سياسي توازن لاءِ ٻيهر ڪم شروع ڪجي، ته جيئن هڪٻئي سامهون مُهاڏي ۾ پوندڙ صوبن کي پاڪستان جي وفاقي تاجي پيٽي ۾ متحد رکي سگهجي.

مونکي اجا بلوچ ۽ پختون اڳواڻن کي پرکڻو هو. مونکي سندن عزت پرئي ناهه جي خيالَ تي ويچارڻو هو. بهرحال، هاڻي سپنو پورو ٿي چڪو هو. حقيقت ۾ اسان جيڪڏهن ڪُل اختياريءَ واريءَ صورتحال ۾ نه، تڏهن بہ لاپائتي صورتحال ۾ ضرور هئاسين. آئون جوان ٿو ته اها نماڻائي هئي. جڏهن بغاوت اوُج تي هئي تہ آئون هر وقت اُن ڏِپ ۾ ورتل هوندو هئس، تہ پاڪستان، افغانستان ۽ هندستان جي سوڙهيءَ جي وچ ۾ نہ اچي. پر اهو ايئن نہ ٿيو. اها منهنجي پڌري سوڀ هئي. بغاوت ڪجهہ خاص جاين تي مس هئي. اوير پاڪستان جيان اها عالمي سطح تي مشهور نہ هئي. جڏهن پرڏيهي دروازا بند ٿي ويا، ۽ ميدان صاف ٿيٖ ويو تڏهن وقت آيو تہ هاڻي بندوق هيٺ رکي، ڳالهيون ڪجن. مارچ 1977ع وارين چونڊن کان پوءِ احتجاج سبب ڳالهيون شروع ٿي نہ سگهيون. جيئن مون اُن احتجاج جو سُلجهاءُ ڳوليو تہ ملڪ ۾ جولاءِ 1977ع ۾ مارشل لا لڳو.

جولاءِ 1977ع ۾ اتڪل سان زوريءَ حڪومت تي قبضي کان پوءِ جنرل ضياءالحق ڪابل جو دؤرو ڪيو. صدر دائود سان ملڻ کان پوءِ ٽرت ڪابل مان موٽڻ بعد هُن نيشنل عوامي پارٽيءَ جي اڳواڻن کي حيدرآباد جيل مان آزاد ڪيو. اُهو وقت ئي مستقبل ۾ ٻڌائيندو تہ اهو عمل ڪنهن شرط بنا ڪيو ويو هو يا ڪجهہ خاطرين سبب ٿيو هو. مارچ 1978ع ۾ صدر دائود پاڪستان جو دؤرو ڪيو. ڏاڍيون سُٺيون تقريرون ٿيون. صدر دائود پنهنجين تقريرن مان هڪ ۾ اُن ڳالهہ جو چِتاءُ ڏنو تہ اجا سياسي نبيري جو سُلجهاءُ رهيل آهي. پر تڏهن اهڙو ڪوبہ گڏيل سرڪاري اعلان نہ ٿيو جڏهن صدر دائود پاڪستان جو دؤرو ڪيو هو.

جيڪڏهن ٽيهن ورهين جي ڇڪتاڻ ۽ ماٺ کان پوءِ، جيڪا ڪڏهن گهڻو تيز ٿينديءَ پئي وئي، جون 1976ع ۾ ڪابل ۾ آئون ڪابل سرڪار کان اُهو گڏيل سرڪاري بيان ڪيرائي سگهيس، تہ سياسي ڪاوڙ ٻُرامن گڏيل رضامنديءَ سان رهڻ جي پنجن اصولن پٽاندر نبيرڻ کپن. پر اها منهنجي لاءِ پرولي هئي، تہ پوءِ جنرل ضياءُ گڏيل بيانَ ذريعي

چو اُن واعدي جي پُنيرائي ڪرائي نہ سگهيو نہ ڪابل مان ۽ نہ ئي اسلام آباد مان. جڏهن ٻنهي ۾ وڌيڪ ۽ ضروري ۽ ڳجهو ناهہ تئي ها تہ اُن لاءِ وڌيڪ سبب هئا تہ. ڪابل 1976ع واري گڏيل سرڪاري بيانَ تي زور ڏئي، چوتہ اُن ۾ پاڪستان ۽ افغانستان جي عوامي ڀلائي هئي.

شايد تازو ڳجهو ناهہ ٿيو آهي، جيڪو ڪنهن شيءِ يا ڳالهہ لاءِ ڏيڻ يا وٺڻ پٽاندر ناهہ جي اصول تحت لڪت ۾ آندو ويو آهي، جڏهن جنرل ضياءَ ڪابل ويو يا صدر دائود 1978ع ۾ پاڪستان آيو. شايد اها وڏي سوچ هجي، جو گڏيل بيانَ صدر دائود جي پاڪستان واري دؤري جي هڪ مهيني ڪانپوءِ ڪڍيو ويو.

افغانستان ۾ 27 اپريل 1978ع ۾ انقلابي تبديلي آئي. افغانستان جي اڳواڻن چيو تہ پختون ۽ بلوچ مسئلا وجود رکن ٿا، ۽ اُهي اُن سياسي مسئلي جو نبيرو پُرامن ذريعن پٽاندر چاهين ٿا. گُذريل ٻن مهينن ۾ اُن صورتحال بابت هنن گهٽ موقعن تي چيو آهي. آئون هروڀرو تنقيد نٿو ڪرڻ گهُران، پر افغانستان ۾ تبديليءَ جي موٽ جوڪائتي انداز سان ڏني ويئي هئي. ايئن پڌرو پئي ٿيو تہ سرڪاري ٽولي کي ڇُوٽ ڏني وئي آهي. وري مٿان گهاون تي لُوڻ ٻُرڪڻ ئي هو تہ، حڪمران ٽولي جو پاڪستان قومي اتحاد سان ڳنجوڙ جنهن افغان انقلاب بابت وڌيڪ هاڃيڪار ۽ واهيات بيانَ ڏنا. پريس تي سخت پابندي سبب افغاني انهن ڇيڙائيندڙ بيانن کي سمجهي نہ سگهيا. تہ انهن جو سرڪار سان ڪوبہ ناتو نہ آهي. پر انهيءَ جي سمجهہ کين پوءِ آئي، ۽ پوءِ وري اجايا اعلانَ ڪيا ويا تہ. افغانستان ۾ تبديليءَ بابت پاڪستان قومي اتحاد اڳواڻن سان ڳالهيون ڪيون پيون وڃن.

ساڳيءَ وقت افغانستان جي نئين حڪومت کي هڪدم مڃيندڙ هندستانَ وڏي ڀاءُ وارو ڪردار نڀائڻ لڳو. هندستاني پرڌيهي وزير لڳاتار بيانَ ڏيڻ لڳو ۽ پاڪستان کي ڀروسو ڏياريو تہ افغانستان بابت اهڙو پريشان ٿيڻ ۽ ڳڻتيءَ جو ڪوبہ سبب نہ هو. انهن بيانن جو مقصد اهو هو تہ، نون افغان اڳواڻن جي شاباس هجي ۽ اُن جو پڪ ڏياري وڃي تہ

افغانستان ۾ آيل تبديليءَ سبب هندستان پريشان هرگز نہ آهي. هندستاني وزيراعظم کي اهڙو ڪوبہ حق نہ هو تہ هو اهڙو ڦهائتا وارو سياءَ رکي، جيڪو مامرا سُلجهائڻ بجاءِ بگاڙي. اهو هڪ ڏک سان بہ شڪار ڪرڻ جهڙو هو. پاڪستان، افغانستان بابت اهڙي اوندهہ ۾ نہ آهي، جو اهو هندستان جي پڪ يا شاباسن تي پاڙي ويهي. واشنگٽن ۾ افغان پرڏيهي وزير اُن ڳالهہ تي زور ڏيندي چيو تہ پاڪستان سرڪار سندس حڪومت کي مڃڻ ۾ دير ڪئي آهي. پر گڏيل قومن جو هٿيار گهٽائڻ بابت گڏجاڻي اهڙو وجهہ نہ هو جو پاڪستان ۽ افغانستان وچ ۾ نااتفاقين کي هوا ڏجي، ڇوتہ اهو خاص گڏجاڻي رُڳو هٿيار گهٽائڻ بابت هئي.

هڪبئي جي پريٽ پاڪستاني ۽ افغانستاني نمائندن جا سياسي تڪرارن تي بيان اچڻ لڳا. پاڪستاني نمائندن وري چيو تہ جون 1976ع ۾ افغانستان کان مون جيڪو گڏيل بيان ڏياريو هو، تنهن پٽاندر افغانستان ۽ پاڪستان وچ ۾ ڳالهيون ٿين. جيتوڻيڪ جنرل ضياءَالحق ۽ صدر دائود اسلام آباد ۽ ڪابل ۾ هڪبئي ۾نيان ملي چڪا هئا. نيويارڪ ۾ ٿيندڙ خاص گڏجاڻيءَ ۾ پاڪستاني نمائندي کي منهنجي جون 1976ع واري گڏيل بيان تي ئي موٽڻو پيو. هُو ڪوبہ دستاويز يا اهڙو ڪو ناهہ يا گڏيل بيان سامهون آڻي نہ سگهيو جنهن ۾ وڌيڪ اڳڀرائي ٿي هجي. اهڙن ڳالهين سبب. جن جي رڳو هُن کي ئي ڄاڻ هئي، پاڪستاني نمائندن لاهور ۾ 1976ع واري ناهہ جي ڪاغذن کي دبائي ڇڏيو جن ۾ ڄاڻايل هو تہ سياسي تڪرار ختم ٿي چڪا آهن. اهو ممڪن آهي تہ آگسٽ 1976ع واري ناهہ کي صدر دائود ڪابل ۽ پاڪستان ۾ جنرل ضياءَالحق سان ملڻ مهل سفارتي دوکي ذريعي بيڪار بڻائي ڇڏيو هجي. اها پاڪستان لاءِ ڪيڏي نہ اياڳائي هئي، جيڪڏهن اُهو مامرو ورهين جي جاکوڙيندڙ ڪوشش سان نبيريو وڃي ها. پر اُن کي وري ٻيهر کولي پڏرو ڪيو ويو ۽ هاڻي گهڙيال وارو پينڊوليم پاڪستان طرف هو. جيڪو افغانستان طرف وڃي ٿيو آهي. پاڪستان ۾ هر بنيادي مسئلي کي اُن مسئلي سميت وري ٻيهر کوليو ويو آهي.

پاڪستان نہ رڳو پنهنجي لنگرگاهہ جو رستو وڃائي چڪو آهي، پر اونداهيءَ رات جي حڪمرانيءَ هيٺ آهي. جڏهن تہ افغانستان سياسي باشعور اڳواڻن جي هٿن ۾ آهي. نئين سرڪار اها پاليسي واپرائي آهي تہ عوام سڀ کان اُتم آهن. انهن جون سيپيتائون برابريءَ جهڙيون آهن. نوان افغان اڳواڻ اصلي پختون آهن، پر نسلي ڪٽرپڻي کان آجا آهن. نئين حڪومت پنهنجي پرڏيهي پاليسي آڻ ڌُري ڪوني آهي، پر اُن جا پاڙيسري وڏيءَ طاقت سان، پُراعتماد لاڳاپا آهن. جيڪڏهن اُها پاڙيسري وڏيءَ قوت ڪروڙين ڊالرن جو فوجي هٿيار ۽ سامان صوماليا کي ڏيئي سگهي ٿي، ۽ پوءِ ڪيس معاف ڪري ڇڏي ٿي، جيڪو غيرفطري عمل آهي، تہ پوءِ اها طاقت هن علائقي ۾ اچا بہ وڏيڪ دليريءَ جو نماءُ ڪري سگهي ٿي. بيشڪ اُها عالمي قوت افغانستان کي ڪروڙين ڊالرن جي فوجي امداد ڏيڻ نہ ڪيپائيندي، جنهن ۾ سڀ کان جديد 220 قسمن جا ميزائيل آهن، جيڪو پڌرو آهي تہ ڪابل جي بازار ۾ ڏيکارڻ لاءِ نہ رکيا ويندا. افغانستان جي پرڏيهي وزير نيويارڪ ۾ چيو تہ افغانستان کي رُڳو پاڪستان سان سياسي اٽيڪٽ آهي. ۽ هُن اهو چِتائيءَ سان ڄاڻايو تہ افغانستان جو ايران سان ڪوبہ ڦڏو يا ڏچو نہ آهي.

هن حڪومت هر ڳالهہ کي گهوٽالي ۾ وجهي ڇڏيو آهي، اُن جو افغانستان ۾ تبديليءَ بابت ورتاءُ چيڙائيندڙ ۽ پيانڪ آهي. هن حڪومت جو انداز ٺي ڄٽاڻو آهي، ۽ چرپائپ سندن بيو گڻ آهي. پاڪستان جي هاڃن لاءِ اسان انهن طريقن جي منطق کي ڏٺو آهي، ۽ سندن منطق آهي، غير منطق جو ٺٺُ تاريخي، جاگرافيائي ۽ نسلي مامرن سبب سرحد ۽ بلوچستان پرڏيهي چانڻ هيٺ اچي ويا آهن. برطانيا جون افغانستان سان وڙهيل ٽي جنگيون مُک واقعا آهن. هندستان- پاڪستان ٺهڻ کان اڳ برطانيا ۽ افغانستان وچ ۾ ڳالهيون ڪنهن مقصد بنا نہ آهن. بلوچستان جو هڪڙو حصو پاڪستان ۾ آهي، تہ وري ٻيو ايران ۾ آهي. اُن جو هڪڙو ننڍو حصو افغانستان ۽ سوويت يونين ۾ پڻ آهي.

اسلام آباد جي انتظام هيٺ آيل حساس ’غير علائقا‘ منهنجي طرفان سندن بابت حڪمت عملي بدلائڻ کان اڳ پُراڻين حڪومتن طرفان ’قانون کان آجي ڌرتيءَ‘ جيان هلايا ويندا هئا. پرڏيهي عنصر ڪٿي ڪيڏو به اهميت جو هجي، پر اُن مسئلي کي ڪجهه وڌيڪ مونجهارو ۽ پيچيدگي ڏني آهي. جنهن سبب گهُربل ڏيهي خودمختياريءَ لاءِ گهُر کي گهٽي هاڪ ۽ ڌيان مليو. گڏوگڏ بلوچستان جي جنگي اهميت خاص طور 1973ع واري تيل گهوٽالي کان پوءِ اُن مجموعي صورتحال ۾ خاص عنصر هئي.

ون يونٽ کي پاڪستان لاءِ الاهي رحمت ۽ خودمختياريءَ کي مسلمانن لاءِ آٽوٽندڙ نظريو سمجهندڙ ماڻهن لاءِ رڳو بلوچستان ۽ سرحد مسلمان قوميت جا بگڙيل پُٽ نه هئا. پر سنڌ جي خودمختياريءَ گهُرندڙ پڻ ايترائي زوراڻا هئا. حقيقت ۾ فرقيوار قومپرستيءَ وارو جذبو سنڌ ۾ گهٽو هو. سياسي ۽ فڪري ويچار کان سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد کان گهٽو اڳتي هئي. هتي سياسي اثر ۽ اختيارَ ڪانسواءِ تاريخي ۽ معاشي ويچار حصو ونن تا. سنڌ جو مسئلو جيتوڻيڪ ڪنهن قدر بلوچستان ۽ سرحد کان شديد آهي. تنهن کي ساڳيءَ قسم جي ايڏي مشهوري نه ملي سگهي آهي، ڇو ته نسلي ۽ ٻيا لاڳاپيل لاڙا سرحد ۽ بلوچستان جيان پاڙيسري ملڪن تائين وڌي نه سگهيا آهن. فرقيوار قومپرستي اڪثر صوبي جي سنڌي ماڻهن تائين محدود آهي، ۽ صوبي جي غير سنڌي ماڻهن سان لاڳاپو نٿي رکي. غيرسنڌي آبادي گهڻو ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ سکر جي مُک شهرن ۾ رهي ٿي، ايستائين جو ننڍين شهرن ۽ واهڻن ۾ غيرسنڌي تعداد ۾ سنڌين کان وڌي ويا آهن. انهن وڏي پيماني تي معاشي قوت ماڻي آهي. اُهي وڌيڪ مُنظم آهن ۽ سرڪاري توڙي فوجي نوڪرين ۾ سندن پير چڱا کُتل آهن. تنهنڪري ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ اهو سمجهيو وڃي ٿو ته، سنڌ جي فرقيوار قومپرستيءَ جو ڇوهه زور سان ڦاٿو ته اُن کي سولائيءَ سان ضابطي ۾ آڻي سگهبو. اُن جي پرڏيهي پُنيرائي به نه آهي، ۽ ڏيهي طور به اها محدود آهي. ايئن ڇئجي ته سنڌوديش هلچل کي خاص ڳنڀيرتا سان نٿو

ورتو ويجي، پر ان کي گهٽ سمجهڻ بہ هڪڙي غلطي آهي.

سچائي آهي تہ سنڌ ۾ ٻاهرين ڪيڏ ۽ دوکي جو هٿ نہ آهي، پر اُن جي اها معنيٰ نہ آهي تہ حساس مسئلي کان لنوايو وڃي، يا ٻتالين يا ٻر گيڊ جي تعداد ذريعي فرقيوار قومپرستيءَ جي جذبي جي تصديق ڪجي. 1843ع واري فتح کان پوءِ گهڻي وقت تائين ايئن سنڌ کي بمبئي پريزيڊنسيءَ سان ڳنڍيو ويو. رڳو 1936ع ۾ اُن کي بمبئي پريزيڊنسيءَ کان ڌار ڪيو ويو. سنڌ جي ڪيئي ڀاڱن ۾ چڱي تعداد ۾ هندو اڃا بہ رهن ٿا. هندستان جي راجستان صوبي جي سرحد سان لڳولڳ ٿرپارڪر ضلعي ۾ هندو ڪجهہ تعلقن ۾ گهڻائيءَ ۾ آهن. ٿرپارڪر جا ٺاڪر ۽ راڻا پنهنجي علائقي ۾ اثر ۽ اختيارَ رکن ٿا. انهن جا راجستان جي شهزادن سان سڱاوتيءَ وارا ۽ ٻيا رَت جا رشتا آهن. ۽ سرحد جي ٻنهي طرفن حُر ۽ مهر رهن ٿا. توهان کي شايد اهو ڄاڻڻ جو چاهہ هجي تہ 1965ع ۾ پاڪستان ۽ هندستان وچ ۾ ٿيل ويڙهہ ۾ پاڪستاني فوجن جيڪا آخري جاءِ هٿ ڪئي، سا راجستان ۾ پنواڻي هئي. سنڌ ۽ راجستان جا ڪهڙا بہ نازڪ رشتا هجن يا ڪٿي نہ بہ هجن، جن جو هتي ٿورڙو لکيو ويو آهي، تنهن ۾ هندستان جا مقصد ۽ لالچ اڃا وڌيڪ اهم آهن.

هندستان ننڍي کنڊ جو ورهاڱو دل سان نہ مڃيو آهي. جڏهن هن ڏٺو تہ بنگالين جنگ جو آواز اُٿاريو آهي تہ هن ڏاڍائيءَ سان اوڀر پاڪستان کي ڌار ڪيو. بنگال جي آزادي نڌهن اوڀر پاڪستان جي غير بنگالي آبادي ڪوبہ نتيجو ڪڍي نہ سگهي ۽ لتاڙجي ويئي. هندستان لڏي ويل سنڌي هندو هندستان جي خاص پڙهيل ڳڙهيل مهذب طبقي ۾ وڏو اثر رکن ٿا. مارچ 1977ع ۾ جڏهن ڀارتي جنتا پارٽي چونڊون کٽي آئي تہ وزيراعظم جي عهدي جو نالو ٻن بزرگ سياستدانن جي هٿ ۾ هو جن مان هڪ هو جئي پرڪاش نارائڻ ۽ ٻيو هو آچاريا ڪرپلاڻي، جيڪو سنڌي هندو هو.

ورهاڱي وقت جڏهن سنڌي هندو سنڌ ڇڏي هندستان ويا پئي، تہ آچاريا ڪرپلاڻي سنڌ آيو ۽ هندن جي لڏپلاڻ ۾ مدد ڪئي. محمد علي

جناح هُن کي نياپو موڪليو تہ هو سنڌي هندن کي سمجهائي تہ اُهي پاڪستان نہ ڇڏين. جنهن تي آچاريا ڪرپلاڻيءَ ڪاوڙ ۾ ورائيو تہ، "شانُ سان ويندا سين. ۽ مانُ سان ايندا سين." محترم آڏواڻي جنتا حڪومت ۾ دهليءَ ۾ سُڌسماءِ جو وزير آهي. ساڳيءَ طرح نيشنل ڪانگريس ۾ اهڙا گهڻي تعداد ۾ اثر ۽ اختيار رکندڙ سنڌي هندو بہ آهن.

هندستان 1971ع واريءَ پاڪ- هند جنگ ۾ سنڌ سيڪٽر تي وڏيڪ زور ڏنو جنهن جو لازمي طور گڏيل سياسي فوجي مقصدُ هو. ڏکهي مُدي ۽ آتل مقصد کي سامهون رکندي، اهو اچرج ۾ وجهندڙ نہ هو تہ، هندستان جي اها ٻين ۽ ٽين حڪومت هئي، جنهن افغانستان جي نئين حڪومت کي مڃيو هو. اُن صورتحال تي متاڇري نهار وجهندي مون اڃا ڪراچيءَ بندر جي اهميت کي نہ ڇُهيو آهي، ۽ نہ ئي سنڌ جي وڏي بلوچ آباديءَ بابت ڳالهايو آهي، جيڪا غيرسنڌين جي ڪاتي ۾ ئي اچي، نہ پختون آبادي جيڪا سنڌ ۾ رهي ٿي، جيڪا پڻ غيرسنڌين جي ڪاتي ۾ ٿي اچي، ۽ نہ هاڻوڪي پختون پورهيت ۽ مزدور طبقي بابت. جيڪو ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيو آهي.

آئون جڏهن پاڪستان جو صدر ٿيس تہ سنڌوديش هلچل پنهنجي اوُج تي هئي، پر آهستي ۽ خاص ڳالهين سبب منهنجي ساڍن پنجن ورهين جي پاڪستان مٿان ضابطي دوران، آئون اُن جذبن کي مُڏو ڪڻائي ڇڏيو ۽ نوجوانن جي سوچ کي پاڪستاني قوميت جي جذبي ۾ سموهيو. 1970ع وارين چونڊن ۾ منهنجي پارٽيءَ جنهن قومي نياپو ڏنو تنهن سنڌوديش هلچل جي سرواڻ کي سندس ئي علائقي ۾ ٽيهن هزارن کان وڌيڪ ووٽن سان شڪست ڏني. اها وڏي سوڀ هئي تہ سنڌوديش هلچل جي بنياد کي پاڙون پٽي ڪيڄي. آئون وري ٻيهر ورجايان ٿو تہ اها طاقتور هلچل هئي. مونکي ڄاڻايو ويو آهي ۽ مونکي اُن تي اچرج نہ آهي تہ اُها هلچل وري تيزيءَ سان سگهاري پئي ٿئي. اهو پڌرو ٿئي ٿو تہ گُذريل ٻارهن مهينن ۾ اُن هلچل گهڻي قدر اُهو بنياد ماٺي ورتو آهي، جيڪو هُن وڃايو هو.

حڪومت ٽولي جي پاڪستان قومي اتحاد وارن دوستن سان بہ دوکو ڪيو آهي، ۽ سندن اکين ۾ سُرمو پاتو آهي. انهن کي استعمال ڪيو پيو وڃي تہ جيئن حڪومتي ٽولو سدائين اقتدار ۾ رهي ۽ سندن انهن ڪوشش کي سولو بڻايو وڃي تہ مون مان سولائيءَ سان ڪيئن جند ڇڏائجي.

ملڪي معيشت گهوٽالي ۾ آهي. سڀ ادارا تباهہ ڪيا ويا آهن. پارليامينٽ بہ ايئن ئي پيئي آهي، جيئن گونگا ٻوڙا ڪوڪا. 1973ع جو آئين زمين کان ڇهہ فوٽ هيٺ دفنايو ويو آهي. حڪومت ٽولو هر هنڌ ناڪام ويو آهي، ايٽريقدر جو انهن جي شيروانيءَ واري مُهم بہ ناڪام ويئي آهي. اهڙين حالتن ۾ جن ۾ حڪومتي ٽولي کي ڊِڪاريو وڃي ۽ اها اڪيلي رهجي ويئي هجي. ايران اُن ٽولي کي ڪيئن بچائيندو خاص طور پرڏيهي هٿچُراند سان اهڙيءَ حالت ۾ ايران تي زور وجهبو تہ وري اهو پري رهي، يا وري پنهنجي ملڪي سلامتيءَ ۽ سندن مفادن کي بچائي.

اُها ڇرپائپ آهي. سچ اهو آهي تہ اها ڇرئي جي غلطي آهي، ڇوتہ جنرل ضياءالحق هندستان کي پيارو ۽ مهان پاڙيسري سڏيو آهي. ڇا هندستان جي هاٺوڪا اڳواڻ مات ڪري ويهندا ۽ اهو ڏسندا رهندا تہ پاڪستان ۾ ڪهڙا نتيجا ۽ نقش ٿا نڪرن. جنرل ضياءُ هندستان کي خوش ۽ ريجهائڻ لاءِ جيڪو بہ ڪري، ايٽريقدر ڪٿي چئي تہ ڪشمير بابت ڪي بہ ڳجها راز نہ آهن، تڏهن بہ هندستان، پاڪستان جي ماس ۾ چَڪ هڻندو. 12 جون 1978ع تي هندستان جي وزيراعظم آمريڪا ۾ چيو تہ هندستان چين خلاف علائقائي ۽ سرحدي تڪراران مفاد ۾ ڇڏڻ چاهي ٿو تہ چين سان دوستاڻا ناتا بحال ٿين. رُڳو ٻہ مهينا اڳ هندستان جي وزيراعظم پاڪستاني صحافين کي ٻڌايو تہ هو چين تي زور ڏيندو تہ هو هندستان کي سندس لداخ وارو علائقو موٽائي ڏئي.

افغانستان ۾ انقلاب کان اڳ غير دانشمنداڻو رَويو ڏيکاريو ويو هو پر ٻن مهينن کان پوءِ اُبتڙ ورتاءُ جو نماءُ ڪيو ويو جنهن جو مقصد هو تہ پاڪستان مٿان گهڻن پاسائين حملي سبب چين کي غير مؤثر بڻائجي، جنهن بابت هڪ پختون اڳواڻ 1972ع ۾ چيو هو تہ پاڪستان ٽن پاسن ۾

ورهائجي ويندو ۽ اهو هندستان جو رٿيل پڪو پختو مقصد آهي تہ پاڪستان جو ڏيوالو نڪري، اهو سوچڻ چريائپ جي انتها ٿيندي تہ هندستان سان واپار ڪشمير ۽ سلال ڊيم بابت ويچاريو وڃي، تہ هندستان باقي پاڪستان مٿان ڳڙڪائڻ وارين اکين سان نہ نهاريندو. اُتلندو رعايتون هندستان جي ٻُڪ کي ويتر وڌائينديون. هٿيار اُڇلائڻ ۽ سمجهوتن سان هندستاني اڳواڻ اهو سمجهندا تہ پاڪستان باعزت قوم ٿي جيئڻ لاءِ قوت ارادي وڃائي چڪو آهي. بيشڪ هندستان هٿچراند ڪندو پر جيڪو شڪ اُهو آهي تہ پاڪستان جا چار صوبا ڪاهيندڙ طاقتن ۾ ڪيئن ورهائبا. اڄڪلهہ مُرارجي ڊيسائي ۽ اٽل بهاري واجپائي 'ڪنن جي ڳچن' مارشل لا حڪمرانن جي ڪنن ۾ ڪير ۽ ماڪيءَ جا لفظ پيا آلاپين. اها سِڌي چال آهي. واجپائي 'جن سنگهہ' جو اڳواڻ رهي چڪو آهي. اُن سان ڪهڙو فرق ٿو پوي تہ هو اڄڪلهہ ڇا ٿو چوي هن يا جنگ سنگهہ جي ڪنهن تعارف جي گهُرج نہ آهي. جيستائين مرارجي ڊيسائيءَ جو ناتو آهي تہ پاڪستان هلچل جا برک سياستدان اڃا جيئرا آهن، جيڪي پڪ ڪندا تہ سردار ولڀ ڀائي پٽيل ڪانسواءِ ٻيو ڪو ڪانگريس اڳواڻ پاڪستان جي مخالفت ۾ ايڏو بيرحم نہ هو جيترو هندستان جو هاڻوڪو وزيراعظم. نهرو ۽ اندرا گانڌي اُن ڪان وڌيڪ ڳشادا دماغ ۽ صبر وارا هئا. اُهي پٽيل ۽ ڊيسائيءَ جيان ساڙيلو نہ هئا.

اُن ڏس ۾ سُٺو آهي تہ آئون ٻيهر ورجايان تہ رچرڊ نڪسن پنهنجن تازن ڇڏيل ساروڻين ۾ اهو ڄاڻايو آهي تہ، هندستاني اڳواڻن جو پاڪستان ڏانهن ورتاءُ دوکي ۽ آويساهيءَ وارو آهي.

آئون 4 نومبر جي صبح جو اوول آفيس ۾، هندستان جي وزيراعظم اندرا گانڌيءَ سان مليس. هُن جو آمريڪا ڏانهن دؤرو نازڪ وقت ۾ ٿيو هو. اٺ مهينا اڳ اوير پاڪستان ۾ يحييٰ خان جي حڪومت خلاف وڳوڙ ٿيو هو. هندستاني آفيسرن اهو اطلاع ڏنو تہ اٽڪل هڪ ڪروڙ پناهگير اوير پاڪستان مان ڀڄي هندستان پهتا هئا. اسان کي پتو هو تہ يحييٰ خان کي نيٺ اوير پاڪستان جي آزاديءَ واري مطالبي آڏو جهُڪڻو پوندو

تنهنڪري اسان ڪانئس مطالبو ڪيو ته. هو وچٿرو ۽ پرچائيندڙ ورتاءُ ڏيکاري. اسان کي اها شڌ نه هئي ته. هندستان اُن وجهه مان فائدو وٺندو ۽ نه رڳو اولهه پاڪستان جو اوير پاڪستان مٿان ضابطو ختم ڪندو پر اولهه پاڪستان کي ڪمزور پڻ ڪندو. جنهن طريقي سان اهو ٻڌايو ويو ته. ويٽنام ۾ جنگ ختم پئي ٿي، ۽ چين جنهن طريقي سان جرئتمند قدم کنيو تنهن تي اندرا گانڌيءَ اُن کي ساراهيو. اسان پاڪستان ۾ ڏکي صورتحال تي به ڳالهايو ۽ مون زور ڏنو ته اهو ڪيڏو نه ضروري هو ته هندستان ڪو اهڙو اُپاءُ نه ڪٽي، جنهن سان اسان جون حالتون ويتر خراب ٿين.

اندرا گانڌي چاهه سان مونکي يروسو ڏياريو ته "هندستان پاڪستان خلاف ڪنهن به طرح مخالفت وارو ورتاءُ نه رکندو. هندستان اهو ڪڏهن به نه چاهيو آهي ته پاڪستان تباهه ٿئي يا اِهو مستقل طور جَڏو ۽ بيوس ٿئي. سڀ کان اُتم هندستان علائقي ۾ امن موٽائڻ چاهي ٿو. اسان هر قيمت تي وڳوڙ ڊِڪي ڪيڻ ٽا چاهيون." پر مونکي پوءِ پتو پيو ته. اسان جيئن ڳالهايو تنهن وقت اندرا گانڌيءَ کي پتو هو ته هن جا جرنيل ۽ صلاحڪار اوير پاڪستان ۾ دخل ڏيڻ جون سِٽون سَٽين پيا ۽ سوچين پيا ته اُن جي به گهُرج آهي ته اولهه پاڪستان تي به حملو ڪجي.

اُن صبح مونکي اُن سچائيءَ گهٽي ڳُٽيءَ ۾ وڌو ته. جيتوڻيڪ اندرا گانڌي امن لاءِ پاڻ ارپڻ لاءِ ساک ڪنئي هئي. هُن اُن لاءِ ڪجهه ٺوس اُپاءُ نه ورتا هئا. ته جيئن ڇڪتاڻ گهٽائي سگهجي. يحييٰ خان اُن ڳالهه تي راضپو ڏيکاريو هو ته هو هندستاني سرحدن وٽان پنهنجون فوجون پوئتي هٽائيندو. جيڪڏهن هندستان به اُهو ڪيو ته. پر هن اهڙو ڪوبه وچن نه ڏنو. هڪ مهينو پوءِ روسي هٿيارن سان هندستان اوير پاڪستان تي حملو ڪيو ۽ اولهه پاڪستان جي سرحدن تي به ويڙهه لڳي. پر اهو پروڙڻ ممڪن نه هو ته. هندستان جو ڪهڙو مقصد هو ته پاڪستاني فوجن کي نيڙو ڪجي يا اهو وڏي پيماني تي ڀرپور ۽ مڪمل حملو هو؟ جنهن جو مقصد پاڪستاني فوجن کي روڪڻ هو. اُن پيماني جي جنگ جا منصوبا مهيني کان گهٽ عرصي ۾ نهي نه پئي سگهيا. ۽ آئون اُن سوچ تي اٽل

هوس تہ اندرا گانڌي چاٽي واٽي مونکي گڏجاڻيءَ ۾ دوکو ڏنو هو.

اُهي ويچار رچرڊ نڪسن جي ساروڻين واري ڪتاب جي 525 ۽ 526 صفحن تي لکيل آهن. جيڪڏهن آزاد ويچار رکندڙ اندرا گانڌيءَ رچرڊ نڪسن جهڙي تجربيڪار ۽ مُدبر سياستدان کي دوکو ڏيئي سگهي ٿي، تہ هندستان جو ورتاءُ پاڪستان ڏانهن ڪهڙو هو تہ پوءِ اسان رُڳو اهو سوچي سگهون ٿا. تہ ساڙيلو پارٽي جنتا پارٽيءَ جا اڳواڻ پاڪستان جي ناتجربيڪار مارشل لا حڪمرانن جي ڳچيءَ ۾ ٽِڱي ۽ چاپلوسيءَ سان ڪهڙا نہ ٿوڙ ويڙهيندا.

فوجي ٽولي کي اهو پتو ئي نہ پيو تہ سندن نَڪ هيٺان ڇا پيو ٿئي. اُن جي هڪ نشاني طور اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ وزيراعظم سيڪريٽريٽ کي مارشل لا حڪمرانن آڏو ڪيئن ساڙيو ويو. اُهي سمجهن ٿا تہ هتي مڪمل امن ۽ حالتون سازگار آهن، ڇوتہ سياسي سرگرمين تي پابندي آهي. پر سياسي سرگرمين تي پابندي نٿي وجهي سگهجي، ڇوتہ انسان سياسي جانور آهي، ۽ رياست سياست جو ٿيٽر آهي. سياسي سرگرميون مٿاڇري تي رهن ٿيون يا وري اُهي ڳجهيون ٿي وڃن ٿيون. جيڪڏهن اُها رفتار رهي تہ پوءِ ڪجهہ عرصي ۾ ئي پاڪستان اٽليءَ واري ريڊ برگيڊ جيان پنهنجي ئي قسم جون ريڊ بريگيڊ ڏسندو.

سياسي سرگرمين تي پابندي وجهي، فوجي ٽولو دهشتگرديءَ کي وڌائي ويجهائي پيو. جيڪڏهن ڊومنيڪن ريپبلڪ جهڙي ننڍڙي مُلڪ ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي مڙهي نٿي سگهجي، تہ پوءِ پاڪستان ۾ سياسي سرگرمين تي پابندي ڪيئن ٿي وجهي سگهجي. سياسي سرگرمين تي پابندي اصل ۾ انهن ماڻهن لاءِ دعوت آهي، جيڪي رياست جي حڪمراني غلط طريقن ۽ ٽِڱين سان ماٽين ٿا. مارشل لا ٽولو فرينڪسٽائين جو تجربو آهي، اُن جو سياسي آڪاڙي ۾ هٿچراند سبب پاڪستان ۽ هي علائقو غيرمتوازن ٿي پيا آهن، ۽ اجا اُن جو ڪوڙو فصل لُڻڻو پوندو.

پاڪستان جي اخلاقي ۽ سياسي صورتحال اها آهي تہ اهو برطانوي پارليامينٽ طرفان منظور ڪيل هندستان واري آزاديءَ وارو ايڪٽ 1947ع ڏانهن موٽي ويو آهي. صوبن جي خودمختياريءَ جو مقدار جيڪو هنن شعوري طور وفاق اڳيان رکيو هو سو واپس صوبن ڏانهن موٽي ويو آهي. منهنجو صدر دائود سان ڊيورنڊ لائين بابت رضانامو جيڪو آگسٽ 1976ع ۾ نبيريو هو جنرل ضياءَ جي اچڻ کان پوءِ صدر دائود اُن کان گوٺنات پيو ڪري يا اُن کي سمجهہ ۾ نہ ايندڙ سبب خاطر ماٺهن کان لِڪايو پيو وڃي.

هاڻي اچو ڏسون تہ اسان ڪٿي بيٺا آهيون:

1. ملڪ آئين بنا هلي پيو.
2. پاڪستان هاڻي حقيقت ۾ 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ايڪٽ موجب آهي، جنهن کي برطانوي پارليامينٽ منظور ڪيو هو.
3. ڪنهن بہ طريقي سان صوبن اها خودمختياري ماڻي ورتي آهي، جيڪا هنن 1973ع واري آئين پٽاندر وفاق کي ڏني هئي.
4. افغانستان ڊيورنڊ لائين کي نٿو مڃي.
5. افغانستان اجا چوندو ٿو اچي تہ بلوچن ۽ پختونن جو مسئلو پاڪستان سان پُرامن طريقي نبيرڻو آهي. افغانستان وڌيڪ ايئن بہ چئي ٿو تہ پاڪستان سان سياسي مسئلو اجا موجود آهي، ۽ ايران سان نہ آهي.
6. هندستان پنهنجن شرطن پٽاندر ڪشمير جو مسئلو نبيرڻ چاهي ٿو.
7. هندستان چين سان سرحدي تڪرار نبيريا آهن، ۽ چين سان دوستاڻا ناتا چاهي ٿو.
8. سوويت يونين، افغانستان سان واعدو ڪيو آهي تہ هو افغانستان جي نئين سرڪار جي پُٺڀرائي ڪندو.
9. سوويت يونين سينٽو ۾ پاڪستان جي ميمبرشپ تي اعتراض اُٿاريو.
10. شهنشاهہ ايران چتاءُ ڏياريو آهي تہ جيڪڏهن ايران ۾ گڙٻڙ هلندي رهي، تہ پوءِ توده پارٽيءَ کي اُن جو فائدو پهچندو.

نج ڏيهي قسم جا هئا. نوروز خان بروهيءَ کي قرآن جو قسم ڏيئي پهاڙن تان هيٺ لاٿو ويو ته کيس ڪُجهه به نه چيو ويندو. پوءِ هُن کي حيدرآباد ۾ ڦاسي ڏني ويئي.

اهو مُستقل مفادن جو ٽولو سِيني بُراين جي پاڙ آهي. مون 64-1963ع ۾ ڍاڪا جي قومي اسيمبليءَ ۾ اُن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي تي مُلهائتي جُلهه ڪئي هئي. اهو اهڙو ته جوکائتو ۽ کُليو هو جو شجاع آباد ۾ حلقو رکندڙ هڪ پِير سياستدان جي قلعي کي اسان 1970ع جي چونڊن ۾ ڊاهي ڪيرائي وڌو. هنن کي اجا اُها تقرير ياد هوندي، جنهن سبب مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي ايترو ته لوڏو آيو جو اُن تقرير جي ٽيپ ڍاڪا کان لاهور خاص ايلچيءَ ذريعي اُن وينتيءَ سان گڏ آندي ويئي، ته جيئن اُها ذاتي طرح ايوب خان کي ڏني وڃي، ۽ هُو هڪدم ٻڌي.

اُهو مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو مونکي ڌِڪاري ٿو چوته آئون پاڪستان جو اڪيلو اڳواڻ آهيان، جنهن سندن ٺهيل جُڙيل هڪهٽيءَ کي ڇيهون ڇيهون ڪيو آهي، ۽ آئون سِڌو سنئون عوام ڏانهن ويو آهيان. اُهو ٽولو چاهي ٿو ته آئون سندن معرفت ڪم ڪيان، جيئن ماضيءَ ۾ هنن ٻين اڳواڻن کي چاهيو هو ته اُهي سندن معرفت ڪم ڪن. پر مون اُن ٽولي کي جواب ڏنو. مون کين چيو ته، توهان رَت چوسيندڙ جَوُرون آهيو جن پنجاب جي نالي ۾ پنجاب جي هيٺئين طبقي جي ڦُرلٽ ڪئي آهي. مون کين ٻڌايو ته آئون هنن مٿان پنجاب جي عوام ڏانهن ويندس ۽ سندن سمورين نڳين کي پنجاب جي عوام آڏو وائکو ڪندس، ۽ سڄي ملڪ آڏو پڌرو ڪندس ته جيئن هنن اسلام جي نالي ۾ اسلام کي نَڳيو آهي. جيئن هو احتساب جي نالي ۾ احتساب کان بچي ويا آهن. سو انهن پنجاب جي نالي ۾ پنجاب جي عوام کي نڳيو آهي. مسلمان ڀائيچاري جي نالي ۾ جنهن جي سادن لفظن ۾ معنيٰ آهي: ون يونٽ. اهي نٿا چاهين ته پنجاب پاڪستان تي حاوي رهي. پر اُهي پاڪستان مٿان پنهنجي پَڪڙ چاهين ٿا، جنهن ۾ پنجاب به شامل آهي. پنجاب ۾ ڪجهه ڪارخانا جوڙي، مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو چاهي پيو ته، هو پنجاب جي عوام جي خدمت نه. پر

رڳو پنهنجيءَ ڦُرلٽ کي سگهارو ڪن. پنجابي ماڻهن جي سچي خدمت ملڪ جي باقي ٻين ڀاڱن جيان رڳو اُن ۾ سمايل آهي تہ مستقل مفادن کي ختم ڪجي ۽ ڦُرلٽ جو انت آڻجي ۽ اُن مستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي بلڪل ميساري ڇڏجي. ڇا اُهو ٽولو پنجابي عوام جا حق مڃيندو؟ بيشڪ اهو ايئن نہ ڪندو. اُهو پنجابي عوام جي ڪڏهن بہ خدمت نہ ڪندو. اُهو بنيادي تضاد آهي. جنهنڪري پنجاب جو عوام مون سان گڏ آهي، ۽ اُن ٽولي سان نہ آهي.

مُستقل مفاد رکندڙ ٽولو چوي ٿو تہ انهن راويءَ جو پاڻي پيتو آهي، ۽ منهنجي لاءِ چوي ٿو تہ مون سنڌو درياءَ جو پاڻي پيتو آهي. پر ٻئي درياءَ پاڪستان جا آهن. ٻيو تہ پاڻي پاڻي آهي، رَت نہ آهي. اُن ٽولي عوام جو رَت پيتو آهي، ۽ آئون سمجهان ٿو تہ عوام جو رَت د نهنجي پنهنجي ذاتي رَتُ کان وڌيڪ املهہ آهي. آئون اُن لاءِ نہ آهيان تہ ڪنهن جي حاڪمي مڃان. پوءِ ڀلي اها ڏيهي هجي يا پرڏيهي هجي. آئون لوڪشاهي يا رعيتي راڄ چاهيان ٿو. رعيت مان منهنجو مطلب آهي: نج عوام ۽ نہ ڪي اُهو ڏڪارجندڙ ٽولو.

آئون 1971ع ۾ پنجاب جي هر واهڻ ۾ ويس، هر ڳوٺ ۾ ويس، ۽ اُن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي ڦوڪٽي مان هوا ڪڍي ڇڏي، تنهنڪري آئون پنجاب جي عوام جو باقي ملڪ جي غريب عوام جي سچي اڳواڻ جيان، يڪراءِ غير تڪراري اڳواڻ بڻجي ويس. تنهنڪري اُهو ٽولو مونکي ڌڪاري ٿو ۽ منهنجي خلاف پرچار ڪري ٿو. چوڻ مون انهن کي پنهنجي گهر ۾ وائکو ڪيو ۽ مون پنجاب جي عوام کي چيو تہ اُهي اُنهن مُستقل مفاد رکندڙ ٽولي کي ڳچيءَ کان جهلي ڪچري جي دٻي ۾ اُڇلائين. جنهنڪري اهو ٽولو منهنجي جِند پويان لڳل آهي.

تازو جنرل ضياءَ پنهنجي مارشل لا لاءِ هڪ ٻيو سبب بہ ڄاڻايو. هُن هڪ آمريڪي صحافيءَ کي ٻڌايو تہ، جيڪڏهن آئون چونڊون هارايان ها. تڏهن بہ حڪومت سونپڻ جو منهنجو ڪوبہ ارادو نہ هو. هُو ٺرت سمجهندو تہ هُن جي 5 جولاءِ وارو لوپي عمل نہ رڳو پاڪستان کي پر هن

علائقي کي پڻ ڪمزور ڪيو آهي. هن بيشڪ پاڪستان کي سدائين لاءِ هاڃو پهچايو آهي. جيڪڏهن هُو تُرت پنهنجا آپگهات ڪندڙ راڄنيتي اصول واپس نہ وٺندو تہ پوءِ محمد علي جناح جيڪر ٻيهر جنم وٺي. تڏهن بہ اهو بہ ان صورتحال کي بچائي نہ سگهندو.

مارشل لا ڪنهن بہ سُڌريل ملڪ لاءِ ڪينسر آهي. پاڪستان لاءِ اها اُن جي مقصدن جي نفي آهي. پهريون تہ پاڪستان، عوام جي هڪ جمهوري جدوجهد جي پيداوار آهي. ٻيو تہ دنيا ۾ ڪوبہ ملڪ پنهنجي مجموعي قومي پيداوار جو ايترو سيڪڙو فوج تي خرچ نٿو ڪري، جيترو پاڪستان ٿو ڪري. دُنيا جي غريب ۽ پُٺتي پيل ماڻهن جي اُها سورمي واري قرباني هر سال ڪئي ٿي وڃي ۽ پاڻ کي ڏُکيو رکي فوجن جي حق ۾ ڪئي وڃي ٿي، تہ جيئن پاڪستان جي سلامتي ۽ علائقي خطرن کي مُنهن ڏيئي سگهجي. نہ ڪي فوجون پاڪستان جي پرڏيهي صورتحال تي سمجهوتو ڪري ملڪ تي حڪمراني ڪن.

پاڪستان جيان دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ ملڪ نہ آهي، جنهن جي پاڙيسرين اهو قسم کنيو هجي، تہ هو اُن کي دنيا جي نقشي تان ميساري پوءِ ساهہ پٽيندا. اسرائيل پڻ ساڳيءَ صورتحال سان مُنهن پئي ڏنو. جيستائين صدر صدام حسين يروشلم جو دؤرو نہ ڪيو هو. گڏوگڏ اسرائيل کي وري فوجي بالادستي آهي. جڏهن تہ نندي ڪنڌ ۾ صورتحال اُن جي اُبتڙ آهي. هتي فوجون وري رياست جو صفايو ڪن ٿيون ۽ حاڪميت توڙي بالادستي ٿيون ماڻين. جيڪڏهن هنن کي پاڪستان جي سلامتي پياري آهي تہ پوءِ پاڪستاني فوجون هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ پنهنجي حقيقي ذميواريءَ کان نٽائي، مُنهن موڙي نٿيون ڪري سگهن. اُهي ملڪ جي سياسي زندگيءَ ۾ ٽنگڙي هڻي ئي نٿيون سگهن. جيڪي سپاهي ٻيرڪون ڇڏي حڪومتي ماڙين ۾ مزا ماڻين ٿا، سي جنگيون هارائين ٿا. ۽ جنگي قيدي بڻجي وڃن ٿا. جيئن 1971ع ۾ ٿيو هو. پاڪستاني فوج جا جنرل اُن اِرادي تي پُختا آهن تہ اُهي وري تاريخ کي ورجائيندا.

تو ۽ نؤجوان نسل کي پابند ڪري ٿو ۽ سچي جوڙجڪ ۽ آڏاوت ناس ڪري ٿو. هو انڌن ڏڪن سان حڪمراني ڪري ٿو. هو ماڻهن کي ڦٽڪا هڻي ٿو ۽ ماڻهن کي ڪائي ٿو. هي ڪوڙهيو آهي. جيڪڏهن ڪو هنن کي ڇُهي ٿو تہ. اُهو پڻ ڪوڙهہ ۾ ونجي وڃي ٿو. هي اهو رشوت ۽ ڦُرَ سان شاهوڪار بڻيل فرد آهي، جنهن جا نہ آدرش آهن، ۽ نہ ئي نظريا. انهن مان ڪنهن هڪڙي بہ تاريخ ۾ ڪو جيترو بہ ڪارنامو نہ ڪيو آهي. اُهي ڪي آمر آزاديءَ جا ويڙهاڪ سپاهي نہ آهن. يا نظرين سان ڳنڍيل ويڙهاڪ نہ آهن. اُهي سازشون سٽيندڙ ٽندڙ آهن. ٻاهرين ايلچين جا جوتا پالش ڪندڙ پيشيور عوام مخالف جيڪي پنهنجي پيشي کي ڏيان گهٽ ڏين ۽ پنهنجي مالڪن جي پيشي ڏانهن ڏيان وڌيڪ ڏين. هي اُهي آمر آهن، جيڪي عوام کي شرمندو ڪن ٿا. هي اُهي آهن. جيڪي ڪامورن جي پٺين تي هلن ٿا. هي اُهي آهن. جيڪي سوچين ٿا تہ. هڪ يا ٻہ سيڪڙو ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهاٽي جي معنيٰ آهي ڪشمير جي آزادي. ڇا هي ڪامورن کان پُڇڻ پسند ڪندا, تہ ڇا ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهٽتائي سبب روزگار ۾ واڌارو ٿيو آهي يا نہ؟

شڌريل ملڪن ۾ اهو وڌيڪ ضروري آهي تہ ناڻي جي ڦهلاءَ ۾ گهٽتائي آڻجي، پوءِ ڀلي بيروزگار ٿي نہ ٿئي، ڇوتہ عوام جو وڏو تعداد بيروزگاريءَ کان وڌيڪ ناڻي جي ڦهلاءَ کان متاثر ٿئي ٿو. بيروزگاريءَ جون ڏکيائيون سوشل سيڪيورٽيءَ جي رٿائن تحت گهٽايون وڃن ٿيون. جڏهن تہ اُسرندڙ ملڪن ۾ اُتي بيروزگارن لاءِ ڪي ڪم جهڙيون سوشل سيڪيورٽي يلائي ۽ شڌاري جون رٿون نہ آهن. ناڻي جي ڦهلاءَ ۽ بيروزگاريءَ مان ڪنهن کي اوليت ڏجي، اهو ايترو سولو نہ آهي. اُهي پڙلاءَ کان خالي نہ آهن. ۽ نہ انهن جو آدرشي حل موجود آهي. شڌريل ملڪ کان اُسرندڙ ملڪن جون حالتون گهڻيون مختلف آهن. ناڻي جي ڦهلاءَ ۽ بيروزگاري ٻئي خراب ۽ پريشان ڪندڙ آهن. پر جيڪڏهن ٻنهي براين مان ڪنهن هڪ کي چونڊڻو پوي تہ شڌريل ملڪ ناڻي جي ڦهلاءَ کان وڌيڪ بيروزگاريءَ کي ترجيح ڏيندا. اُسرندڙ ملڪن کي بهتر آهي تہ اهو

مشورو ڏجي تہ اهي بيروزگار بجاءِ نائٽي جي ڦهلاءَ کي چوندين. ڪيترائي اُسرندڙ ملڪ جهڙو برازيل ايئن ترقي ڪئي، جڏهن هن چائٽي ٻُجهي، اها ڏُکي چوندِ ڪئي. ڪينيُسين جو نظريو انهن ملڪن لاءِ شايد ڪارائتو نہ هجي، جن واڌاري جون حدون پارڪيون هجن. پر انهن ملڪن لاءِ ڪارائتو آهي، جيڪي پنهنجي معيشت جي ٻالڪپٽيءَ ۾ آهن. پر تِچ آمرن لاءِ اُهي سوال ڪيئن اُٿندا. تہ اهڙي فرد لاءِ جيڪو امير قوم لاءِ سُٺو آهي، سو ئي غريب قوم لاءِ سُٺو نہ آهي. هي امير ماڻهن جا فارمولا مڃي ٿو چوتہ هو پاڻ امير ماڻهن جو پالتُوءِ هٿيار آهي.

غير ترقياتي خرچن ۾ گهٽي ڪٽوتي ڪري ماڻهن کي خالص ۽ نوس ڇُوٽ ڏجي. اهو ئي وڏيڪ ضروري آهي. جتي ٻاهرين ملڪن سان تڪرار نبيري سگهجن ٿا. اتي انهن کي فوجي ذريعن سان نبيريو وڃي. اهو فهم ۾ ايندڙ نہ آهي. اُهي ڪٽوتيون وڏي پيماني تي نائٽي ڦهلاءَ ۾ گهٽتائي آڻينديون، ۽ روزگار جا موقعا پڻ ڏينديون. ڇا اهڙا بنيادي ۽ معاشي طرح پُختا فيصلا ڪري سگهجن ٿا. جڏهن بجيٽ جو اعلان پارليامينٽ بجاءِ ٽي ويءَ جي شاندار سجايل اسٽوڊيو مان ڪيو وڃي. فوجي جنتا اهي فيصلا ڪري ئي نٿي سگهي، ڇوتہ جنرل ڪنڊر گارڊن ۾ ٻارن جيان آهن! انهن کي تہ رُڳو رانديڪا گهرجن. جن سان اُهي راند ڪري سگهن ۽ جنگ جا هٿيار سندن رانديڪا آهن. اُهي جنگ ڏانهن وڃي نٿا سگهن ۽ نہ اُهي جنگ ڏانهن ويندا. جيتوڻيڪ انهن وٽ هٿيار آهن. اُهي انهن لاءِ پريڊ جي گرائونڊ تي فخر ۽ عزت لاءِ آهن. انهن چاپلوسن کي چاپلوسين جي مدد جي گهُرج آهي، تہ جيئن جوڪائٽن ۽ پوائٽن سچائين کان پري رهي سگهن. جيئن انهن جا وکا پڌرا نہ ٿين. ۽ اُهي اٿوڻندڙ سچ ٻُڌي نہ سگهن. اُن ڳالهہ ۾ ڪا اچرج نہ آهي تہ اُهي اصلي فوجي پنڌ کان ٻچن ٿا. تجويزن جو پنڌ. مرد ۽ عورت جو پنڌ. بوٽن بنا پيرين اُگهاڙو مرد ۽ عورتن جو پنڌ. اُهي هر شيءِ کي کڏ کوهہ ۾ اُڇلائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ايتريقدر جو مونکي ابهم ٻار جي ماءُ جي ڪير لاءِ بہ رڙ ڪوٽ لکپت جيل مان ٻُڌڻ ۾ آئي.

جڏهن هي فرد پنهنجي مُلڪ جي مستقبل ۽ مفادن کي پڻ ٿي ھاڃو پھچائين ٿا. اھا اولھندي طاقتن لاءِ بُڇڙي ڏنڌڪتا آهي، جو اُهي سوچين ٿا تہ اهي اولهندي ملڪن جي مفادن کي بچائي نٿا سگهن. ايشيا ۾ بہ مُلڪ انهيءَ قسم جي آمريت ۾ گوڏ ڪٽي ويا آهن. هڪ ٿائيلينڊ آهي، ۽ ٻيو پاڪستان. ٿائيلينڊ کي اها آٿت تہ آهي، تہ اُتي ڪيئي پيڙهين کان شهنشاهيت هلندي ٿي اچي. اُن ملڪ ۾ جڏهن آئين کي رد ڪيو وڃي، تہ اُن خال کي بادشاهت جي موجودگيءَ سبب لنوائي سگهجي ٿو. پاڪستان جي پُٺتي موٽ ڪائيندڙ صورتحال برطانوي پارليامينٽ جو هڪ ائڪٽ آهي. جيڪڏهن پاڪستان 1947ع واري هندستان جي آزاديءَ واري ايڪٽ ۾ ڦيرڦار ڪري يا اُن مٿان هڪ مٿانهون ايڪٽ رائج ڪري ۽ پاڪستان کي ٻيهر برطانيا جي بينڪيٽ ڪوني ۽ پاڪستان جي صوبن کي حصن ۾ ورهائي، ٻين ننڍين رياستن جو درجو ڏئي.

هڪ ڀيري جيڪڏهن پاڪستان جو جمهوري آئين رد ڪيو وڃي ٿو تہ پاڪستان حقيقت ۾ پُٺتي واريءَ صورتحال ڏانهن وڃي ٿو. اهو آئيني گهوٽالو منهنجي ذهن ۾ آهي. جڏهن مون قوم کي چتاءُ ڏنو تہ مارشل لا جي جائز ڪوٺڻ جا ڪهڙا نياڳا ۽ بُڇڙا نتيجا نڪرندا. جن کي آئون 'آئين کان مٿانهون قدم' سڏيان ٿو. پيشيور فوجي آمرن جا دماغ ساڳيءَ انداز سان هلن ٿا. واردات جو طريقيڪار اهو آهي تہ انهن پنهنجون بيرڪون لاچار ۽ وقتي طور ڇڏيون آهن. "جنهن کي اهي ٿهٽي عزت ڏين ٿا." تہ جيئن ملڪ کي گهرو ويڙهہ ۽ ساميا واد جي ڀُوت کان بچائي سگهجي، ۽ اُن گند کي صاف ڪجي، جيڪو سياستدان ڪيو آهي. قانون جي حڪمراني موٽائجي، رشوت ختم ڪجي ۽ برابري آڻجي.

توهان جيڪڏهن ايوب خان، يحييٰ ۽ ضياءالحق جي مُک تقريرن جو اڀياس ڪندءِ تہ ڪنهن ڏکيائي بنا اُن ۾ ساڳيو سلسلو ڏسڻ ۾ ايندو. حقيقت ۾ اُهي ٽيئي سپاهي جن جون منفي چاهنائون ۽ مفاد آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ٻين ڀاڱن ۾ بہ ساڳيءَ طرح پوئيل آهن.

اُهي حڪومت ان لاءِ نٿا ڪسين تہ ڪنهن نظريي جي پوئواري ڪن، پر تہ جيئن نيوڪليئر ريپروسيسنگ پلانٽ جي معاهدي ۾ قيرقار ڪن يا ٽامي جي ڪاٽين ۾ پرڏيهي مفادن جي نگهباني ڪن ۽ اُن ڳالهہ جي خاطري ڪن تہ ملڪ ناٽو ۽ سينٽو کان ٻاهر تہ نڪري نٿو اچي. وڏين طاقتن جي مفادن جو پرجهلو ٽيڻ لاءِ قوم جا سرحدي حق ڇڏي ڏين ٿا. حق خوداراديت جي حقن بدران اهي مجموعي قومي پيداوار بابت ڳالهائڻ لڳن ٿا. آزاديءَ واريءَ هلچل جي پُٺڀرائيءَ بجاءِ اُهي ناٽي جي ڦهلاءَ جي رفتار ۾ ڦاسي ٿا پون ۽ اهو نٿا سمجهن تہ سندن فوجي ادارو ناٽي جي ڦهلاءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ آهي. اُهي تضادن کي اُڀارين ٿا. جڏهن بہ اهي منظر تان هٽن ٿا تہ آئيني وٿيءَ سبب پنهنجي پٺيان وڏيڪ خرابيون، ڏڦيڙ ۽ تضاد، ڪمزور معيشت، ڇُڙواڳي، ۽ مونجهارا توڙي وڳوڙ ڇڏين ٿا.

هاڻي اوهان سمجهي سگهندؤ تہ ڇو اٽليءَ جي ريڊ بريگيڊ فوجن کي پڙڪائي ٿي، تہ حڪمت عمليءَ جي ڳولا ۾ اٽليءَ جي رياست تي قبضو ڪري ۽ رياست کي تباهہ ڪري. اُهو اٽليءَ جي مثال ۾ پاڻُ پڌرو آهي تہ اٽلي اولهندي سيٽائن جي ماءَ آهي، ۽ ڪا اُتاچري ٽيچ عوامي راڄنيتي نہ آهي. اٽليءَ جهڙي وڏيڪ شڌريل ملڪ ۾ اهڙا بنيادي مسئلا ٽُرت سمجهہ ۾ اچي ٿا وڃن. جڏهن تہ اُسرندڙ ملڪن ۾، جتي مُبهم سياسي اشارا عوام جي کُليل اکين هوندي بہ سولائيءَ سان ڏسڻ ۾ نٿا اچن، جن کي غربت اُگهاڙو ڪري ڇڏيو هجي. فوجي جنرل جي مُهمجوئيءَ ۾ هڪ عنصر جيڪو ڳنڍيل آهي، سو آهي سياستدانن تي ٺٺولي ۽ سندن گِلا ڪرڻ ۽ چوڻ تہ "سياستدان ڪِنا، ٻُڇڙا ۽ خراب آهن"

فوجي جنتا قومي اوٽاين جي ذميداري سِڌي سنئين سياسي اڳواڻن جي ڪُلهن تي وجهي ٿي. ماضيءَ جي واقعن جي مسخ ٿيل ڪُوڙن بيانن ۽ حالتن کي وڌائي سامهون آندو وڃي ٿو. جُڙتو دستاويز ناهيا وڃن ٿا، تہ جيئن ماضيءَ جي اڳواڻن کي هاڃو رسايو وڃي. سياسي اڳواڻن جي ڪارنامن کي سرڪار کي دٻائڻ جيان دٻايو وڃي ٿو. جيترو سياسي اڳوان مشهور ۽ ناميارو ۽ جيترا سندس قوم لاءِ ڪارناما هجن ٿا، اوترو وڌيڪ

ٿا. ان ڦيري ذريعي اولهہ رياستون اهڙي قسم جي رياستن ۾ اڳواڻن سان ناتا جوڙين ٿيون، جن کي هو پسند ڪن ٿيون. ”اُهو بيهودو قصو پڌرو ڪري ٿو تہ. چڪتاڻ گهٽائڻ جو منطق ۽ شنگهائيءَ جو سرڪاري فرمان، جيڪو هيلنسڪي معاهدي جو روح هجي يا برزنسڪيءَ جون پيڪنگ جي دوري ۾ سامياواد چين ۾ سندس اڳواڻن ڏانهن سندس نيڪ خواهشون، ٻنهي جا سبب ساڳيا آهن.“

جيئن تہ ضياءالحق وچ ٽپڙو هو تنهنڪري حالتن کيس سوڙهو ڪيو. ايوب خان اهو قصو ٻڌايو جيڪو آئون هتي سادن لفظن ۾ ٻڌايان ٿو تہ صدر رچرڊ نڪسن پاڪستان ۾ هڪ ڪچهريءَ ۾ چيو. اهڙيءَ طرح سان صدر رچرڊ نڪسن پنهنجي ساروڻين کي سارينديِ ڪتاب جي 256 صفحي تي لکي ٿو: ”پاڪستان ۾ آئون پنهنجي هڪ پراڻي دوست سان مليس. اهو ايوب خان افسوس سان چيو هو. هن کي پڪ هئي تہ ويتنام ۾ پهرين نومبر 1963ع تي صدر نگوديان ڊائيم جو قتل آمريڪي سازش هئي، جيڪو صدر ڪينيڊيءَ جي مارڻ کان ٽي هفتا اڳ ٿيو هو. آئون ايئن چئي نٿو سگهان، چوتہ توهان پهرين صدر ڊئم جي پُٺڀرائي ڪري نٿا سگهو. پر توهان گهٽي عرصي تائين ايئن ڪيو ۽ ايشيا ۾ هرهڪ اهو ڄاڻتو ٿي. چاهي اهو هن پسند ڪيو يا ناپسند ڪيو ۽ پوءِ توهان اوچتو هُن جي پُٺڀرائي ڇڏي ڏني، ۽ پوءِ ڊائم مري ويو. هُن پنهنجا ڳلها لوڏيا ۽ وڌيڪ چيو. ڊئم جي قتل ڪيترن ايشيائي اڳواڻن لاءِ ٽي معنائون پيدا ڪيون، هڪ تہ آمريڪا جو دوست ٿيڻ خطرناڪ آهي. ٻيو ان مان ڪوبہ لاڀ نٿو ٿئي. ٽيون ڪڏهن ڪڏهن اهو دشمن بہ ٿي پوي ٿو.“

اهو ايوب خان لاءِ چيو وڃي ٿو تہ هن عام اصول کي ذاتي طور ورتو. مون ڪوشش ڪئي آهي تہ اولهہ جي ڏنگي حڪمت عمليءَ جي واضح سمجهاڻي ڏيان. جڏهن جُڙتو لوهي پردو موجود هو تڏهن اهو منطقي هو تہ اُن لوهي پردي پٺيان اولهہ، سامياواد رياستن جو دشمن هجي ۽ طاقت جو سرچشمو هجي يا ڏسڻ ۾ ايندو هجي، تہ اهو پردي ٻاهران طاقت ڏيندو هجي. پر جڏهن چڪتاڻ گهٽ ٿي، ۽ لوهي پردو ڪجهي ويو ۽ اولهہ اڳواڻ ڪريملن ۾ سوويت اڳواڻن سان ووڊڪا ۽ ڪيويئر پيئڻ لڳا، ۽ پوءِ چين

پسند قومن لاءِ عوام ووٽ ذريعي چونڊيو هو. انهن حڪومتون پوئين دروازي کان يا تختي اُلٽڻ سان ڪونه ماٽيون هيون. اهڙي رُتبي جي فوجي ۽ سياسي اڳواڻن کي تڇ غيرانقلابي، غير نظرياتي، هٿچراند ڪندڙ حق ڳڙڪائيندڙن سان پيٽائڻ سندن توهين ٿيندي.

هتي ٻه مثال مناسب ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ آهن. 1965ع ۾ پاڪستان کي سزا ڏني ويئي ۽ هٿيارن تي پابندي مڙهي ويئي. جيتوڻيڪ پاڪستان سيٽو ۽ سينٽو ۾ هو ۽ ڪيترن ئي طرفدار حڪمت عملين ۾ شريڪ هو. پاڪستان وفادار ساٿي هو ۽ نهروءَ جي چوٽي جيان تہ سڀ کان ويجهي ساٿيءَ کي چين جي پاليسيءَ سبب سزا ڏني وئي. پنج ورهيہ پوءِ آمريڪي صدر پاڪستان کي استعمال پئي ڪيو تہ جيئن واشنگٽن ۽ پيڪنگ وچ ۾ پُل اَڏي سگهجي، تہ جيئن هو اُها اُڪري پيڪنگ وڃي سگهي. اهو مقصد کان خالي نہ هو جو چو اين لاءِ هن کي ٻڌايو تہ اهو نہ وسار تہ هو پُل اُڪري پُڄڪو آهي.

ٻيو مثال برازيل جو آهي. صدر گولارٽ وڏن واڙن جو مالڪ هو ۽ شاهوڪار شخص هو. هن جي هڪ سهڻي زال هئي، جيڪا راڻين جيان ڪپڙا پائيندي هئي. گولارٽ ڪجهہ ٻہ هجي يا گهڻو ڪجهہ هجي ها. پر هي ايوب خان جهڙو سامياواد بلڪل نہ هو. گولارٽ 1963ع يا 1964ع ۾ چين ۾ عوامي رعيتي راڄ کي ميڄڻ وارو هو. چين جي هڪ واپاري وفد برازيل جو دؤرو ڪيو ۽ ڪجهہ مهينن کان پوءِ تختو اونڌو ٿي ويو ۽ صدر گولارٽ کي ڏِڪي ٻاهر ڪڍيو ويو. سبب اهي ڄاڻايا ويا تہ ناڻي جو ٿهلاءُ ۽ معيشت جي بدنظمي ٿي پئي آهي. برازيل اٽڪل پندرهن ورهين کان فوجي آمرن جي تابع رهيو آهي. اهو انسانن کي، جانور بنائڻ لاءِ گهڻو وڏو عرصو آهي. اهڙيءَ طرح برازيل جي فوجي جنتا دهشتگرديءَ کي ضابطي هيٺ آندو. برزنسڪي مئي 1978ع ۾ چين کي ساراهڻ لاءِ جيڪي تازيون تقريرون ڪيون هيون، تن سان توهان صدر گولارٽ جي انهن تقريرن کي ڪيئن ڀيٽائيندو جيڪي هُن 1963ع يا 1964ع ۾ برازيل ۾ ڪيون هيون. جڏهن اُن جو جواب اِهو آهي تہ اهو وقت وقت جو سوال آهي، اُن صورت ۾ جواب آهي تہ اهڙن دوستن ۽ ساٿين کي سزا نہ ڏجي، جن وٽ وقت پرکڻ

جو پيلوڙفن آهي.

اولهندي مُلڪن جي تهذيب. عيسائي تهذيب آهي، جنهن مهان ۽ شاندار تهذيب جون پاڙون حضرت عيسيٰ عہ جي قول سان جُڙيل آهي. عيسائين جو چوڻ آهي تہ حضرت عيسيٰ عہ نہ رڳو پيغمبر هو پر هُو الله جو پُٽ بہ هو. اسان مسلمان بہ هن کي پيغمبر مڃون ٿا. ۽ سندس بي عيب ڄمڻ واري نظريي تي ويساهہ رکون ٿا. پر اسلام سختيءَ سان وحدانيت وارو دين آهي. "اُهو الله جي ڀيءُ ۽ پُٽ واري نظريي کي نٿو مڃي ۽ نہ پاڪ پُوت يا آتمائن کي." عيسائين لاءِ حضرت عيسيٰ عہ جون چوٽيون ۽ هدايتون هڪ الله جي پيغمبر کان وڌيڪ مُقدس آهن. عيسائين جي عقيدي مطابق اُهي چوٽيون ۽ هدايتون الله جون پنهنجون آهن. 'ٿين دنيا جا گهڻا مسئلا نبيرجي وڃن. جيڪڏهن عيسائي اولهہ جي حضرت عيسيٰ جي هڪڙي هدايت تي عمل ڪن. اُها هدايت آهي':

"جيڪو سيزر جو آهي، سو کيس موٽائي ڏيو. ۽ جيڪو الله جو آهي، سو الله مٿان ڇڏي ڏيو." آئون سمجهان ٿو تہ ٿين دنيا کي اُهو کپي، جيڪو سندس آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ. ٻن سؤ ورهين جي وڌيڪ عرصي کان اولهہ جا مُلڪ عيسائي تهذيب. حضرت عيسيٰ جي هدايتن جي بيدرديءَ سان پيڪڙي ڪندا رهيا آهن. اولهہ هر اها شيءِ پاڻ ڏانهن ڪنئي آهي، جنهن جو لاڳاپو سيزر سان آهي. ۽ جنهن جو ناتو الله سان آهي.

اولهہ جا سرمايدار مُلڪ ياڳن کي انصاف پٽاندر نٿا ورهائين. اهي اسان کي اُهو ڪجهہ نٿا موٽائي ڏين، جنهن جو ناتو اسان سان آهي. اها ورڇ معاشي، سماجي، نسلي ۽ سياسي حقن جي آهي: اُن جي معنيٰ آهي تہ آفريڪا ۾ ڪنهن ڏير بنا اڪثريت جو راڄ. ڪنهن کي الڳ رکڻ ۽ پيدياءِ جو خاتمو موقعن ۾ اڻبرابريءَ جو خاتمو انساني حشمت جي عزت ۽ هڪ عزت ڀرئي زندگي. اُن ۾ ڪابہ ڪاوڙ جي ڳالهہ نہ آهي. ان جا انتظام ڪنهن کي هاجو پهچائڻ يا تڪليف ڏيڻ ڪانسواءِ ڪري سگهجن ٿا. اسان کي روز ماني ٽُڪر کپي. اسان اهو زور نٿا ڀريون، تہ اُن تي مکڻ، ڪِريم مکي ڏني وڃي. اسان اهڙي سطح جي مادي خوشحالي ڪونہ ماٿي آهي، جو ڪڳيون هٽون. لالچ ۾ پئون ۽ خودغرضيءَ ۾ فخر ڪيون. اسان اُن

ڪان وڏيڪ نٿا چاهيون. جيترو اسان جي پاڙي ۾ در پرسان پاڙيسريءُ وٽ آهي. ڀيءُ صورت ۾ اهو اسان لاءِ ممڪن ٿي نہ سگهندو تہ اسان سُٺا پاڙيسري ٿي سگهون. اسان اوير ۽ اوير جي دوستي چاهيون ٿا. پنهي دنيائن جو ڀائيچارو چاهيون ٿا. جنهنڪري اسان ٽين دنيا سڏجون ٿا. اهڙي دنيا جيڪا باقي ٻن دنيائن جي وچ ۾ پُل جو ڪم ڏئي.

اسان کي پتو آهي تہ فاصلو ڪيئن رکجي. اسان اولهہ کي پريشان نہ ڪنداسين. اسان جي پُل اُن ڇُميءُ جهڙي نہ هوندي جيڪا جنرل مومبوتو صدر ويلري زسڪارديستان کي تڏهن ڏني، جڏهن هو پيرس ۾ آفريڪا تي ڪوٺايل ورسيلز ڪانفرنس لاءِ ٽڪجي لٿو هو. اسان جي پُل نہ ئي اهو ڀاڪر هوندو جيڪو هن برطانيا جي وزيراعظم کي تڏهن پاتو هو جنهن ڪيس اڇرج ۾ وجهي ڇڏيو جڏهن هو جنوري 1978ع ۾ اصفحان لاءِ لاهور مان ويو پئي. ڀاڻپيءُ جو سرشتو ۽ ميل جول مادي هڪجهڙائيءُ سان وڏي ٿو نہ ڪي 'حاڪم، غلام' جي لاڳاپن سان. جيڪي ظاهري طور معيشت جي اڻبرابريءُ کي جنم ڏين ٿا.

جنيوا ۾ 1954ع ۾ هند چيني تي ڪانفرنس دؤران جان فوسٽر ڊيولاس، وزيراعظم چو اين لاءِ سان هٿ ملائڻ کان انڪار ڪيو. جڏهن وزيراعظم جواهر لال نهرو جون پچاڙڪيون رسمون ۽ ڪريا ڪرم جمنا ڪناري سان ٿيون پئي. "سهڻي لارڊ مائونٽ بيٽن ايڊمرل جي تجليدار پوشاڪ ۾ مونکان ٽي ڪُرسيون پري ويٺي هئي." مون هُن سان هٿ ملائڻ کان ڪيٻايو رُڳو منهنجي خيال ۾ ان ڪري نہ. تہ هن پاڪستان کي هاڃو رسايو هو پر ڪنهن قدر سبب اهو هو تہ ڊيولاس ايشيا جي مهان اڳواڻ جي جنيوا ۾ توهين ڪئي هئي. سو آئون چوان پيو تہ عزت ۽ واڪاڻ سان اسان جي دوستيءُ جو هٿ اسان جي پُل هوندي. جيڪڏهن اونهہ موت ڏني. تہ اهو مضبوط ۽ گرمجوشيءُ وارو ڀاڪر هوندو. اسان اولهہ کي چڱيءُ طرح سمجهون ٿا. اُن جون ڪمزوريون، اوڻايون ۽ اُن جا گُڻ اسان کي جاتل آهن.

اولهہ ٽين دنيا کي صدين کان ضابطي هيٺ رکيو آهي، پر هُن نہ اسان جي سرڪش ورتاءُ ۽ سوچ کي سمجهيو آهي ۽ نہ اُن جي موٽ ڏني آهي. جڏهن سوويت يونين جو صدر گڏيل قومن جي اداري ۾ پنهنجا بوٽ لاهي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل کي ڌڪاري ٿو تہ سيڪريٽري جنرل موٽ ۾ مُرڪي ٿو مٿان روسٽرم تان هيٺ لهي اچي ٿو ۽ سوويت يونين

جي صدر ذانهن وڃي، سائنس هٿ ملائي ٿو. جڏهن اهو واقعو 1960ع ۾ ٿيو تہ آئون سوويت وزيراعظم کان ٽي قطارون اڳ ۾ ويٺل هوس. پر جڏهن اسان ڪوشش ڪيون ٿا، تہ پنهنجي ملڪ جي جائز حقن کي بچايون، ۽ ان کي عالمي برادريءَ جو وڏيڪ ڪارائتو ميمبر بڻائي سگهون، تہ اسان جي ڪوشش کي غلط سمجهيو وڃي ٿو. تختي اُلٽڻ جون سازشون ڪيون وڃن ٿيون، ۽ پڇاڙيءَ ۾ اهڙين سازشن جي سوڀ کان پوءِ اُهي جملا ٺوڪ مان چيا وڃن ٿا تہ. 'هُن پنهنجي ڪاوڙ ۾ جهَل نہ پئي ڏني.' منهنجي ملڪ ڪنهن جي مُنهن کي پنهنجا جُوتا ڪونہ ڏيکاريا هئا. پر پوءِ بہ طاقتور آڪڙ اهڙو دل ڏاريندڙ رايو ڏئي ٿي.

فوجي جنتا مون سان جيڪو ڪجهہ ڪيو آهي، تنهن سبب آئون پنهنجو رايو ڏيڻ ۾ ڪُهرو ٿيان ٿو. توهان مهرباني ڪري اهو نہ سوچجو. مونکي تاريخ جي چڱي خاص ڄاڻ آهي تہ وقت جون لهرون ڪيئن ٿيون رُخ موڙين. ڪيئن ڪالهہ جا شهنشاهہ اڄ جا بيڪاري بڻجي ٿا پون. توهان کي ڄاڻ آهي تہ مونکي نيپولين بوناپارٽ تي ڪيترو فخر آهي. توهان کي پتو آهي تہ. مونکي فرانسيسي انقلاب ۽ نيپولين دؤر سان ڪيڏو نہ رومانوي لڳاءُ آهي. انقلابن نہ رڳو پنهنجي بادشاهہ کي ختم ڪيو پر هو پنهنجي انقلاب کي بہ ڳڙڪائي ويا. رابيسپيري ۽ ڊينٽن بہ مشهور انقلابي هئي. جن کي ڦاهيءَ ڏني وئي هئي. اُتي جزا عيوض جزا هئي، ۽ پلاند عيوض پلاند. شاندار تهذيبي ڪاروان جي مڪمل ڪپتان نيپولين کي ايلبا ۽ سينٽ هيلينا ڏانهن پري اُماڻيو ويو پر نيپولن کي ڪنهن ايلبا ۽ سينٽ هيلينا ڏانهن جلاوطن ڪيو؟ اُهو فرانس جو عوام نہ هو.

فرانسيسي انقلاب بہ صديون اڳ آيو پر پلاند بعد پلاند سبب هُن پنهنجو بنيادي مقصد وڃائي ڇڏيو. جڏهن اُهو فاعلي ۽ پلاند ونندڙ ٿي پيو تہ انقلاب مان گهٽيون اُميدون رکندڙ فرانس جي-پورهيت جو انقلاب ۽ انقلابين تان ايمان کڄي ويو. فرانس انقلاب جي ماءُ آهي. هن هڪ ٻار انقلاب کي جنم ڏنو. ايتري عرصي کان فرانسيسي پورهيت فرانس کي ٻار سان ڳريوتي ڪيو هو پر اڪثر ايئن ٿيو هو جو ٻار جي جنم ونڻ مهل ڳرڀ ڪِري ٿي پيو. اسان کي پُٺتي ماضيءَ ڏانهن وڃڻ جي گهُرج نہ آهي. اهڙا انقلاب مئي 1958ع ۾، ۽ مارچ 1978ع ۾ ضايع ٿي چڪا هئا. ان جي ڪجهہ سمجهائي ايئن ڏيئي سگهجي ٿي تہ فرانس کي بہ سؤ ورهيہ اڳ

جيڪو پار جو تجربو ٿيو هو سو پار ڪانئس پوءِ ضايع ٿي ويو. ظاهري طور جيڪو سمجهه ۾ اچي ٿو سو اهو آهي تہ اُن پراڻي نظام کي ختم ڪرڻ ٿو پوندو ۽ نئون نظام جوڙڻو پوندو. مخالفن انهيءَ سمجهاڻيءَ کي بدگمانيءَ ڪونيو ۽ انقلابي اُن ۾ ناڪام ويا تہ آزاديءِ مساوات ۽ ڀائيچاري کي گهٽي حد تائين سگهارن ادارن جو روپ ڏين. رَت جي هوليءَ کي انقلاب ماپڻ جو پيمانو ڪونيو ويو. انقلاب اشرافن کي ماريو پر شرافت وري پڌري ٿي پيئي. انقلاب، بادشاهہ ۽ راڻيءَ کي ماريو پر بادشاهہ ۽ راڻي وري فرانس جي گاديءَ تي موٽي آيا.

روس ۾ زار ۽ سندس ڪُٽنب کي قتل ڪيو ويو. پر روس جو انقلاب انهيءَ عمل تي نہ ناهيو ۽ مضبوط ڪيو ويو هو. ڪنهن بہ طرح اُن جو روس کي طاقتور بنائڻ ۾ ڪوبہ ناتو نہ هو. جڏهن تہ چيانگ ڪائي شيڪ جي پڄڻ ۽ چين جي انقلاب ذريعي طاقتور ٿيڻ جو ناتو هو. جڏهن جمال ناصر، فاروق جي خراب ۽ ڊِڪاريل حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو، تہ هُن جي ڪيئي ساٿين چاهيو تہ. فاروق کي موت جي سزا ڏني وڃي. پر ناصر ان کان انڪار ڪيو ۽ هُن فاروق کي مصر ڇڏڻ جو وجهہ ڏنو. ناصر جو قدر مهذب دنيا ۾ وڌيو. هن انسانيت جي اوچن قدرن جي پوئواري ڪئي. فاروق پُوري عزت ۽ آبروءَ سان مصر ڇڏيو. شاهي جهاز مصر جي ڪنارن کان جيئن پري ٿيو تہ. ناصر پنهنجي اڳوڻي بادشاهہ کي سلام ڪيو. سُني مسلمان هئڻ سبب ناصر اسلامي تاريخ جي روايتن جي پوئواري ڪئي. هن جي انقلاب کي ڪوبہ نقصان نہ رسيو ڇوتہ هن جو سياءَ ڪهل سان ٿمتار هو.

ترڪيءَ ۾ فوجي جنتا سوچيو تہ. ترڪيءَ جي سوالن جو سولو جواب آهي تہ عدنان ميندريس کي موت جي سزا ڏجي. سيپٽمبر 1960ع ۾ ايوب خان مونکي ترڪيءَ ۾ موڪليو تہ آئون فوجي جنتا کي اپيل ڪريان تہ اُهي ميندريس جي جان بخشين. مون جنرل گورسيل سان ڊگهي ملاقات ڪئي، تنهن وقت ترڪيءَ جو پرڏيهي وزير سليم بہ موجود هو. جنرل گورسيل مونکي ٻڌايو تہ. "موت جي سزا ڏيڻ سان ترڪيءَ جا مسئلا نبيرجي ويندا. ترڪيءَ جي ڪجهہ حصن ۾ شديد ردعمل تہ ٿيندو پر ڪجهہ مهينن کان پوءِ هرڪو ميندريس کي وساري ويهندو." مون جنرل کي ٻڌايو تہ. "ترڪيءَ جا مسئلا اُن موت جي سزا سان نہ نبرجندا. پر

ترڪيءَ جو اصل مسئلو ان سان گڏ شروع ٿيندو. ترڪيءَ جو عوام اُن سزا کي ڪجهه مهينن ۾ وساري نـ سگهندو. پر هرهڪ ترڪ ايندڙ ٽن پيڙهين تائين اُن سزا جو گناهه پاڻ سان کڻي گهمندو." مون جنرل گورسيل کي ٻڌايو تـ "ميندريس امر ٿي ويندو ۽ اُٿلندو ترڪيءَ جي مُنهن تي اونهو گهاوَ جو نشان ڇڏي ويندو ۽ ايترو گهرو ڏڦيڙ سندس سياسي بدن تي وجهندو." جڏهن آئون جنرل گورسيل جي آفيس مان نڪتس، تـ سليم سارپر پنهنجو هٿ منهنجي ڪُلهي تي رکيو ۽ چيو "توتي الله جون رحمتون هجن." اُن کان اڳ مون ڪرنل الپاسلان ٽُرڪ سان گرما گرم ڪچهري ڪئي هئي، جيڪو تنهن وقت فوجي جنتا ۾ مُک حيثيت رکندڙ هو. ٽُرڪي اڃا اُن هاڃي جي سوڳ ۾ آهي، اها اڃا اُن نفسياسي صدمي مان ڇوٽڪارو پائي نـ سگهيو آهي.

تازو صدر دائود ۽ سندس گهرياتين کي ماريو ويو جڏهن افغانستان پنهنجو رُوپ پٽي بدلايو اهو هڪ انقلابي ويڙهـ دوران ٿيو ۽ اهو تنهن وقت جو منطق هو جنهن کي پهرين ڪونـ سڃيو ويو هو: "سازش وسيلي رٿيل قتل." اهڙي سازش جو آئون پاڻ شڪار آهيان: وقتائتي پڌري ٿيندڙ سازش ۽ نيچ قسم جي سازش جيڪا مهينن کان هلندي ٿي اچي. ٻنهي سازشن ۾ خاصيتن جو فرق ائين آهي، جيئن زلزلو يا ٻرندڙ جبل جو ڦاٽڻ، بيو ايئن آهي جيئن ڪنهن جي سَنگهرن ۾ سوگهي جسم مٿان ڪيوليون ماڪوڙا اُڇلائڻ. پوءِ بـ اُن اڳوٽي پلاند جو مقصد ڇا آهي؟ ان صورت ۾ اها خودغرضي آهي ۽ پُٺتي پوندڙ مستقل مفاد رکندڙ ٽولي جي فائدي لاءِ آهي، نـ ڪي عوامي فائدي لاءِ. جيڪڏهن عوام کي منهنجو ڪنڌ کپي تـ آئون ڪنهن اعتراض بنا ڪنڌ جهُڪائيندس. جيڪڏهن آئون ماڻهن جو ڀروسو ۽ عزت وڃايان، تـ پوءِ آئون جيئڻ پسند نـ ڪندس. اُن ناٽڪ جو افسوسناڪ پهلو اهو آهي تـ ان جي اُبتڙ ڳالهه بلڪل سچ آهي، فوجي جنتا هر قسم ۽ هر رنگ جا صلاحڪار گڏ ڪيا آهن. پر فوجي جنتا جو دماغ صحيح مشوري تي هِريل نـ آهي. ٻيءَ مهاياريءَ جنگ کان پوءِ اهو چيو ويو تـ برطانوي، آمريڪن لاءِ ايٿنز ثابت ٿيندا. جيئن يوناني رومن لاءِ ٿيا هئا. پر ايئن نـ ٿيو. ڇوتـ امريڪن پنهنجو ورثاءُ اطالوين جهڙو رکيو. الڪاپوني فوجي ۽ فوجي جنتا جا ڇَٽ، يونانين کي سمجهي نـ سگهندا.

اهو لازمي آهي تـ آئون ڏک کيان ۽ ذاتي طور ڪاوڙ ڪريان، جو

ڪان بہ چتاءُ ڏيان ٿو. ڪڏهن ڪڏهن لوڪ پسند فيصلا ايندڙ ڏکهي وقت لاءِ پورهيتن لاءِ فائديمند نٿا ٿين. ۽ نہ ئي اُهي سچائيءَ تي ٻڌل هجن ٿا. لوڪ پسند بنيادي، سماجي، معاشي ۽ سياسي اصول ۽ متا نہ آهن. نہ آئون ايئن ٿو چوان تہ تون اُهي ڪنن سان ٻڌي آڻ ٻڌو ڪر. مون اها نراس چندچارڻ نهايت پيڙا ۾ ڪئي آهي. جيتوڻيڪ جيل جي ماحول منهنجي حقيقي مقصد تي ڪو اثر نہ وڌو آهي. آئون سڄيءَ دنيا کي موت جي ڪوليءَ اندر ڏسڻ نٿو گهُران. جو آئون پاڻُ موت جي ڪوليءَ ۾ آهيان. آئون اهو نٿو چوان تہ هاءِ ڪورٽ سڄيءَ دنيا مٿان موت جي سزا ڏني آهي، چوتہ قانون جي عدالت موت جهڙي ڏکئي ۽ گستاخ سزا ڏني آهي. آئون دنيا جو سرهو ماٺهو هوندس. جيڪڏهن انسانن جو ڏکارو سيارو سِج جي ڪِرڻن کي جاءِ ڏئي ۽ رنگين گُل ٽِڙي پون. هي دنيا ڏاڍي سهڻي آهي. سونهن جي هرهڪ شيءِ سدائين جي خوشي آهي. ڪشادن ميدانن جي پنهنجي سونهن آهي. ڊگهن قدآور جبلن جي پنهنجي سُندرتا آهي. سائين ماترين ۽ ٿوهر جيان پريل بيابانن. گُلن ۽ ٻيلن جي بہ پنهنجي سونهن آهي. آسماني نيرن سمنڊن، ور وڪڙ کائيندڙ ندين ۽ عمارتن جو پنهنجو پيڪو توڙي پنهنجي رونق آهي. موسيقيءَ جو پنهنجو جمال ۽ پرتوو آهي، ۽ ناچ جو پنهنجو چمڪو آهي. مطلب تہ هتي مرد ۽ عورت جي سونهن آهي، جيڪا الله جي سڀ ڪان وڌيڪ مڪمل رچنا آهي.

آئون مشهور شاعر شيلي سان سُهمت آهيان تہ سونهن هر هنڌ موجود آهي، ايتريقدر جو جنگ جي مڪمل بربادي بہ اُن کي مِٽائي نٿي سگهي. سونهن ايڏي تہ سُندر آهي، جو هڪدم ناس نٿي ٿي سگهي. هنن ٻارهن مهينن جي اڪيلائي واري قيد ۾ مون ورلي ماضيءَ جي ڪنهن اٿوڻندڙ ۽ خراب جهلڪين کي ساريو هوندو. جڏهن آئون ڪلاڪن جا ڪلاڪ خالي ديوارن کي گهوريندو آهيان، تہ پڇاڙيءَ ۾ ماضيءَ جا ڪيترائي جلوا منهنجي ذهن کي سيراب ڪن ٿا. ماضيءَ جون ڪجهہ اهڙيون جهلڪيون پيهر پڌيون ٿين ٿيون، جيڪي هوند وري مون ڏانهن نہ اچن، جيڪڏهن آئون اونهي ڪڏ ۾ هجان ها. آئون سوچن ۾ ڪيئي پيرا پنهنجي ننڍپڻ ڏانهن موٽي وڃان ٿو جڏهن آئون اوائلي ڏينهن ۾ ڳڙهي خدابخش ڀُٽي ۾ هوس، جڏهن آئو ممبئيءَ اسڪول ۾ هئس. منهنجا اهي وڻندڙ سال، جن ورهين ۾ آئون برڪلي ۽ آڪسفورڊ ۾ هوس، ۽ ڪڏهن وري آگري ۾ تاج

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

# The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪانءُ، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسُل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃِن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

ڄڻ ڄڻ جاڙ وڏي تي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)